ڊاڪٽر فياض لطيف

# جماليات جي تشريح، تاريخ ۽ اوسر


***Abstract:***

**Explanation, History and Evolution of Aesthetics**

*In 18th century it earned the obligation of fictional and artistic movement under the slogan `art for art's sake` and blew-out the entire world. In modern times Aesthetics is not only supposed to be simply study of beauty and art but presumed as Aesthetical stuff of all tints and cults of life. In short, aesthetics is a philosophical and artistic phenomenon, the grammar and logic of beauty. It is the science of law governed by aesthetical assimilation of man, of the essence and the laws of development and socially transforming role of art.*

*In this research paper, not only different aspects, elements, explanations, accounts and evolution of the aesthetics have been discussed and analyzed but also kinds of beauty and art have been debated comprehensively.*


**حُسن** سان انسان جو لاڳاپو ايترو ئي اوائلي ۽ پراڻو آهي، جيتري هيءَ ڪائنات قديم آهي. انسان هِن دنيا ۾ اک کوليندي ئي پاڻ کي قدرت جي آغوش ۾ ڏٺو. سج جي روشني، چنڊ جي چانڊوڪي، آڪاش جي نيراڻ، پکين جا مِٺر ٻول، ماءُ جي ممتا، انسان جون موهيندڙ صورتون، تندرست ۽ توانا جسم، وڻ ٽڻ، گل، ٻوٽا، خوشبو، جهنگل، پهاڙ، آبشار، نديون، سمنڊ، سرسبز فصل، صحرا ۽ فطرت جا ٻيا انيڪ موهيندڙ منظر ۽ مظهر ازل کان هُن جا رفيق رهيا آهن. ان ڪري حُسن لاءِ انسان جي دل ۾ ڪشش سڀاويڪ ۽ فطري آهي. ”انسان جي هڪ دنيا، هي عَالمُ آهي ۽ ٻي دنيا، دل جي دنيا آهي. هن کي انهن ٻنهي دنيائن ۾ رهڻو پوي ٿو. هو نه ته داخلي دنيا مان ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي خارجي دنيا کي ڇڏي، زنده رهي سگهي ٿو. جڏهن هي ٻئي جهان هن جا آهن ۽ هو انهن ۾ رهڻ تي مجبور آهي، ته پوءِ جمالياتي تقاضائن جي تشفيءَ لاءِ هن کي انهن ٻنهي جهانن کي حسين بڻائڻو پوي ٿو.“[١]

انسان ازل کان نه فقط پنهنجي وجود جي بقا لاءِ جاکوڙيو آهي، پر هو پنهنجي سُهڻي ڏيک ويک ۽ ماحول کي حسين بڻائڻ لاءِ پڻ ڪوشان رهيو آهي، ڇو ته، ”زندگي اصلاً حُسن ۽ طبعاً حُسن پسند آهي... زندگيءَ کي حُسن جي آرزو رهي ٿي ۽ حُسن





متحرڪ ۽ ارتقائي ٿئي ٿو، انهي ڪري ان کي خوب کان خوب تر جي طلب ۽ جستجو رهي آهي.“[٢]

حُسن پنهنجي پيڪر ۾ پُرڪشش ۽ سراپا حسين ٿئي ٿو ۽ اها ئي خوبي کيس عالمگير اهميت عطا ڪري ٿي. حُسن ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ سرور ۽ سڪون جي خواهش هر ماڻهوءَ کي آهي، ان لاءِ سندس نيڻ خوبصورت چهرن کان وٺي فطرت جي نظارن تائين معصوم مُرڪ کان وٺي ڪنهن گل جي ٽِڙڻ جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ منتظر رهن ٿا. سندس ڪنن کي موسيقيءَ جي سُرن کان وٺي پکين جي لاتين تائين، سڀئي سُريلا آواز سُٺا لڳن ٿا. اها سڄي سگهه ۽ حيران ڪندڙ طاقت حُسن ۾ ٿئي ٿي. حُسن، فطرت ۽ حيات جو اهو مظهر آهي، جنهن ۾ سنسار جون سموريون صداقتون ۽ سندرتائون سمايل آهن. پر اهو حُسن آهي ڇا؟ حُسن جو دنيا ۾ ڪو وجود آهي به، يا نه؟ حُسن رڳو خيالي ۽ حسياتي شيءِ آهي يا ان جو ڪو روپ، رنگ ۽ وجود به آهي؟ اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا ئي سوال آهن، جن جي جواب لاءِ اسان کي جماليات جي گهڻ رخي مطالعي ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي.

**لفظي ۽ لغوي معنيٰ:**

جماليات عربي ٻوليءَ جي لفظ ’جمال‘ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، جميل، خوبصورت، حسين. جامع فيروز لغات اردو جو مصنف لفظ جمال ۽ جميل جي وضاحت هن ريت ڪري ٿو، ”جمال (ج ـ مال) (ع ـ ا ـ مذ) حُسن، جوبن، خوبصورتي. (جميل. ج. ميل) (ع ـ صف) حسين، خوبصورت، سُندر، شڪيل.“[٣]

ساڳين لفظن جو چيد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ هن طرح ڪيو آهي. ”جميل: صفت (ع ـ جمل ـ سهڻو ٿيڻ) خوبصورت، حسين. جمالُ ـ جمالَ (ج) ذ: (ع ـ جمل ـ سهڻو ٿيڻ) سونهن، حُسن، خوبصورتي.“[٤]

جمال لفظ جا ٻيا متبادل لفظ، جيڪي مشرقي زبانن جهڙوڪ: عربي، فارسي، هندي، سنڌي ۽ اردوءَ ۾ موجود ۽ مروج آهن، انهن ۾ سونهن، حُسن، خوبصورتي ۽ سُندرتا شامل آهن. جڏهن ته انگريزي زبان ۾ ان معنيٰ لاءِ بيوٽي (Beauty) لفظ استعمال ٿئي ٿو. حُسن ۽ جمال جا لفظ قرآن مجيد ۽ حديثن ۾ پڻ استعمال ٿيا آهن:

الَّذِي أَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهُ. (سورة السَّجدة: ٣٢. ٧)

ترجمو: جنهي جيڪا شيءِ پيدا ڪئي سا سيڪا چڱيءَ طرح بڻائي. (تاج محمود امروٽي)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡإِنسَانَ فِيٓ أَحۡسَنِ تَقۡوِيمٖ. (سورة التِّين: ۹۵. ۴)

ترجمو: تہ بيشڪ ماڻھوءَ کي تمام سهڻي نموني پيدا ڪيوسون.(مولانا تاج محمود امروٽي)

وَصَوَّرَكُمۡ فَأَحۡسَنَ صُوَرَكُمۡ . (سورة التّغَابُن: ۶۴. ۳)

ترجمو: پوءِ اوهان جون صُورتون تمام چڱيون بڻايائين.(مولانا تاج محمود امروٽي)

اَللّٰهُ جَمِيلا يُحِبُ الجَمالَ. (الحديث)

ترجمو: الله حسين آهي، پاڻ حُسن کي پسند ڪري ٿو.

ڊاڪٽر نصير احمد ناصر پنهنجي ڪتاب، ’آرزوءِ حُسن‘ ۾ لکي ٿو، ”حُسن مان مراد، صورت ۽ معنويت جو حُسن بہ آهي، تہ حُسن الاهي بہ، جيڪو حقيقي ۽ حُسنِ محض آهي. حُسن انتهائي مقدس، پاڪيزه، لطيف ۽ نظيف لفظ آهي، پر ان جي مفهوم ۾ جنسي عنصر ايترو تہ شامل ٿي ويو آهي، جو ان جي معنويت جي لطافت، طهارتِ حجابِ شعور ۾ گم ٿي وئي آهي. اسان جي ٻولي ۽ ثقافت ۾ حُسن ۽ عشق جي لفظن جو شمار جنسي مفهوم سان جهڙوڪر لاڳاپجي ويو آهي. حقيقت ۾ حُسن لفظ پنهنجي مڙني صفتن ۾ حسين آهي. اهو معاشرتي اخلاق، ڪل ادب، فن ۽ ثقافت ۾ بہ آهي، تہ جمال ۽ جلالِ الاهيءَ ۾ بہ. مطلب تہ حُسن جمالياتي قدرن جو مخزن آهي.“(۵)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ’تحقيق لغات سنڌي‘ ۾، سونهن ۽ سندرتا جي لفظن جي لغوي ۽ اشتقاقي ڇنڊ ڇاڻ هن طرح ڪئي آهي. ”سونهن (پرا، سوهم. سن، شوڀن- شڀ = چمڪڻ) خوبصورتي، جهلڪ. سُندرَ(پرا، سن، سُندرَ، سُ = چڱيءَ طرح سان + در = عزت ڏيڻ) خوبصورت.“(٦)

انگريزي زبان ۾ مروج لفظ بيوٽي (Beauty) جيڪو پڻ حُسن ۽ جمال جي معنيٰ ۽ مفهوم طور استعمال ٿئي ٿو، تنهن لاءِ آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ هن ريت لکيل آهي:

"Beauty (noun) The quality of being pleasing to the senses or to the mind(7)."

آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جي ۱۹۹۰ع واري ڇاپي ۾ ان لفظ جي وضاحت هيئن ڪئي وئي آهي:

"Beauty – n (pl: ies) A combination of qualities such as shape, color etc. that pleases the aesthetic senses, the sight, the intellect or moral sense.(8)"

ان لفظ جي وسعت ۽ گهڻ رُخي استعمال جي حوالي سان سعيد احمد رفيق





لکي ٿو، ”لفظ بيوٽي (Beauty) وسيع ۽ محدود ٻنهي معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو. وسيع مفهوم جي حوالي سان جمال ۽ جلال ٻئي شامل آهن، جڏهن تہ محدود معنيٰ ۾ هي فقط جمال لاءِ استعمال ٿئي ٿو. عربي ۽ اردوءَ ۾ انهن ٻنهي لفظن لاءِ الڳ الڳ حدون موجود آهن. حُسن ۽ جمال، جن مان حُسن وسيع ترين قدر ۽ ان جي ڀيٽ ۾ جمال نسبتاً محدود آهي. لفظ حُسن ۾، جمال ۽ جلال ٻئي شامل آهن. انهن ٻنهي لفظن جي استعمال ۾ عام طور تي فرق نہ رکيو ويندو آهي، پر انهن کي گهٽو ڪري مترادف لفظن طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ان جو وڏو سبب بذات خود لفظ جماليات آهي. جماليات لفظ جمال مان ورتل آهي، پر حقيقت ۾ اسان جماليات ۾ صرف جمال تي بحث نہ ڪندا آهيون، پر فن کان علاوه حُسن ۽ ان سان واسطيدار ٻيا قدر ۽ صفتون پڻ زير بحث آڻيندا آهيون. هڪ طرف ان ۾ جمال، نزاڪت، دلڪشي، دلربائي ۽ نظرافروزي تي بحث ڪيو ويندو آهي، تہ ٻئي طرف جلال، عظمت، وقار ۽ قوت وغيره تي. نہ صرف ايترو پر منفي صفتن مثلاً قبح وغيره جو مطالعو بہ جماليات جو هڪ حصو آهي.“(۹)

جماليات جي مٿئين لفظي ۽ لغوي وضاحت کان پوءِ، ڪجھ اهم ڊڪشنرين، انسائيڪلوپيڊيائن ۽ عالمن جي راين جي روشنيءَ ۾ مذڪوره موضوع يعني ايسٿيٽڪس جي ڇنڊڇاڻ ڪنداسين، تہ جيئن اهو وڌيڪ چٽو ٿي سگهي.

”فلسفہءِ حُسن لاءِ سڀ کان پهريان ايسٿيٽڪس (Aesthetics) يعني جماليات جو اصطلاح بام گارٽن (Baumgarten) استعمال ڪيو ۽ ان کي فلسفي جي هڪ جدا شعبي جي حيثيت ڏني. دراصل يوناني زبان جي لفظ ايسٿيٽڪس جي معنيٰ اهڙي شيءِ جي آهي، جنهن جو ادراڪ حواسن ذريعي حاصل ٿئي ٿو، پر بام گارٽن (۱۷٦۲-۱۷۱۴) هن علم کي پهريون ڀيرو جماليات جي لفظ سان تعبير ڪيو، جيڪو احساس ۽ ادراڪ ٻنهيءَ جي معاونت ڪري ٿو.“(۱۰)

جيمس ايل جيريٽ ان حوالي سان وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"Aesthetics is the study of aesthetic experience, aesthetic attitude, aesthetic quality, aesthetic value and derivatively of closely related topics such as artistic creativity, artistic standards, beauty and opposites(11)."

حقيقت ۾ جماليات، اهڙن فني اصولن جو مجموعو آهي، جن تحت فطرت ۽ حُسن جي پرک ڪئي ويندي آهي ۽ فلسفي سان ان جي لاڳاپي هجڻ ڪري، اها حُسن ۽ فن جي سوالن تي پڻ روشني وجهي ٿي. دي آڪسفورڊ انسائيڪلوپيڊيڪ ڊڪشنريءَ ۾ ان بابت هيئن لکيل آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"Aesthetic (adj:) (a) of appreciation of the beautiful, having such appreciation in accordance with principles of good taste. (b) A movement in late 19th, in England advocating art for art's sake. Aesthetically (adv:) aestheticism(n) (c) philosophy of beautiful, philosophy of art."[12]

ايستيٽڪس لفظ جي صورتخطي، ان جي اصليت ۽ معنيٰ جي حوالي سان دي نيو انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا ۾ لکيل آهي:

"Aesthetics, also spelled esthetics …the term aesthetics derived from the Greek word for perception (Aisthesis) was introduced by the 18th century German philosopher Alexander Baumgarten to denote what he conceived as the realm of poetry, a realm of concrete knowledge in which content is communicated in sensory form. The term was subsequently applied to the philosophical study of all the art and manifestations of natural beauty[13]."

ساڳئي لفظ لاءِ آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنريءَ جو مرتب لکي ٿو:

"Aesthetics (Aesthesis >Greek) (a) the perception of external world by the senses …the term aesthesis, properly signifies mere sensual perception of the outward qualities and necessary effects of bodies. (b) the antithesis between facts and feelings…..Aesthete (ad; gr) (c) one who professes a special appreciation of what is beautiful and endeavors to carry his ideas of beauty into practical manifestations[14]."

**جماليات جي وصف:**

روايتي طور تي جماليات کي فلسفي جي هڪ شاخ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حُسن ۽ جمال جي ماهيت، اسلوب، قدرن ۽ معيارن تي بحث ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو تعلق شين جي جمالياتي جانچ پرک ۽ نظريا سازي سان آهي.[١٥]

سيد علي رضوي پنهنجي ڪتاب، 'جماليات ايک مطالعہ' ۾ لکي ٿو، "جماليات فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جيڪا فن جي حُسن ۽ فنِ تنقيد جي قدرن ۽ معيارن تي بحث ڪري ٿي. جماليات جو اصطلاح پهريون ڀيرو بام گارٽن حسياتي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو، جنهن جو بنيادي مقصد حُسن جي تلاش هو....پراڻي زماني ۾ جماليات جي معنيٰ اهڙو علم هو، جيڪو حُسن ۽ جمال جي هيئت سان واسطو رکندڙ مجرد تصورن تي بحث ڪندو هو. جديد فلسفي موجب جماليات، اها سائنس آهي، جيڪا تخليقي تجربي ۽ تجربہ حُسن جي قدرن ۽ معيارن تي بحث ڪري ٿي. اها نوعيت ۽ عمل جي اعتبار کان منطق ۽ نفسيات کان مختلف آهي."[١٦]

جڏهن ته ول ڊيورانٽ پنهنجي ڪتاب، 'The pleasure of philosophy' ۾ جماليات کي فلسفي بدران علم نفسيات جو سوال سمجهي ٿو.

"The question belongs to psychology, but the psychologists have left it to philosophy, as every science leaves to philosophy the problems it can not solve[17]."



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



حقيقت ۾ جماليات تمام گهڻو ڳوڙهو، گهڻ رخو ۽ وسيع موضوع آهي. ان جو دائرو ايترو ڪشادو آهي، جيتري خود هيءَ ڪائنات وسيع ۽ گوناگون آهي. "خدا جي جمال کان وٺي انسان جي حُسنِ نظر ۽ زمين تي موجود ذري کان وٺي سج جي صداقتن تائين جا سلسلا جماليات جو موضوع آهن. جماليات جو بحث ديني، اخلاقي، فلسفيانہ نفسياتي، معاشرتي، انفرادي، ايتري تائين جو معاشي نقطہ نظر کان بہ ڪيو ويو آهي...خالص مابعدالطبيعات جي نقطِ نظر سان هي بحث، انسان جي وجود کان پهريان جي دنيا ۽ ان جي وجود کان پوءِ جي ڪائنات جي حُسن ۽ احساسِ جمال تي مرڪوز رهيو آهي."[١٨]

جماليات بابت نہ فقط عام ماڻهو پنهنجي ڄاڻ ۽ بصيرت جي آڌار تي پنهنجي راءِ ۽ احساسَ رکي ٿو، پر اهو موضوع دنيا جي هر مفڪر جي توجهہ جو مرڪز رهيو آهي، پر جيئن چوندا آهن، جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ايئن دنيا جي ڏاهن ۽ عالمن هن وقت تائين پنهنجي علمي ڄاڻ، ويچارن، محسوسات ۽ نظرين جي بنياد تي جيڪي خيال پيش ڪيا آهن، اهي بنهہ متضاد ۽ اڻ پورا آهن. "اهو ئي سبب آهي، جو حُسن ۽ سونهن جون هن وقت تائين دنيا ۾ جيتريون تعريفون ۽ وصفون پيش ڪيون ويون آهن، ايتريون شايد ڪنهن ٻي شيءِ جون ڪيون ويون هجن."[١٩] پر ان جي باوجود اها حقيقت آهي، تہ اسان وٽ هن وقت تائين جماليات جي حوالي سان جيڪو مواد موجود آهي، اهو انهن عالمن ۽ دانشورن جي ذهني ۽ فڪري ڪاوشن جو نتيجو آهي.

جماليات، جيئن تہ بنيادي طرح فلسفي جو موضوع آهي، ان ڪري انهيءَ موضوع تي بحث ڪرڻ کان پهريان اسان کي ول ڊيورانٽ جا هي لفظ پڻ ذهن ۾ رکڻ کپن تہ:

"In philosophy there are many absolutes but no certainties[20]."

هر ماڻهوءَ جي پسند، ناپسند، ان جو شين ڏانهن لاڙو، انهن کي محسوس ڪرڻ، پرکڻ جو رويو ۽ انداز پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو. هر قوم ۽ هر ملڪ کي پنهنجي ٻولي، ثقافت، مخصوص روايتون، رواج ۽ لوڪ ڪهاڻيون آهن، ان ڪري هر ماڻهوءَ لاءِ حُسن جا معيار، ماپا ۽ ان جون وصفون بہ ڌار ڌار ٿين ٿيون. آفريڪا جي جهنگلن ۾ رهندڙ ماڻهن کي گهري ڪاري رنگ، ٿلهن چپن ۽ چهري تي رهڙون آيل مُنهن مهانڊي ۾ حُسن نظر اچي ٿو. يونانين کي مرداڻي وجاهت، سڊول ۽ متوازن جسم ۾ سونهن محسوس ٿئي ٿي. ايراني خماريل ۽ نشيلي نيڻن ۾ حُسن کي پسن ٿا. چينين ۽ جپانين کي ننڍڙين اکين ۾ سونهن نظر اچي ٿي. اسان کي چيرِوين ۽ درمياني اکيون وڻن ٿيون.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رومين وٽ عظمت، طاقت ۽ تناسب جو احساس ئي حُسن آهي. سونهن جا قدر ۽ احساس به سماج جي فڪري ۽ اخلاقي قدرن ۽ معيارن جيان مختلف ٿين ٿا ۽ وقت جي تبديليءَ سان گڏ اهي بدلجندا به رهن ٿا. ڊارون لکي ٿو:

"The natives of Tahiti admired flat noses, and compressed the nostrils and foreheads of their children, as they said, for beauty's' sake. The Mayas pierced nose and ears with ornaments, chipped and inlaid their teeth, flattened their infants' heads to a sugar loaf profile with a board and made them squint because they regarded that as beautiful(21) ."

آفريڪي ماڻهن لاءِ جيڪا عورت حسين آهي، مشرقي ۽ مغربي ماڻهن جي نظر ۾ اها عورت ڪوجهي ۽ ڪاري ٿئي ٿي. ساڳي طرح ايشيائي ماڻهن لاءِ جيڪا شيءِ خوبصورت ٿئي ٿي، آفريڪين لاءِ اها ڪا ئي جاذبيت ۽ ڪشش ڪانه ٿي رکي، ان حوالي سان هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي ول ڊيورانٽ پنهنجي ڪتاب، ’The pleasure of philosophy‘ ۾ لکيو آهي:

"When negro boys on the east African coast saw Richard Burton, they cried out ; see the white man, does not he look like a white ape? and we are as likely to think that the zulu looks like a black gorilla(22)."

سچ ۽ صداقت جيان حُسن جي پرک ۽ وصف به ڏاڍو مشڪل آهي. حُسن جو لفظ پنهنجي مفهوم ۾ ايترو ته گهڻ رخو ۽ غير واضح آهي، جو ان جي ڪنهن به هڪ تعريف ۽ تشريح تي سيني مفڪرن ۽ دانشورن جو متفق ٿيڻ ناممڪن آهي، پر اهو چوڻ ته ان جي تعريف ۽ وصف ممڪن ئي ناهي، اهو درست ڪونهي. توڙي جو هن وقت تائين مفڪر، جماليات جي ڪنهن به هڪ وصف تي متفق نه ٿي سگهيا آهن، پر ان راءِ تي مڙئي عالم متفق آهن، ته جماليات، حُسن ۽ فن جو فلسفو آهي ۽ ان جو اصل سرچشمو انسان جا داخلي هيجانَ، حسياتي ڪيفيتون ۽ وجداني احساسات آهن. جماليات جي سادي ۽ سولي لفظن ۾ هڪ ئي وصف اها به ٿي سگهي ٿي: ته هر اهو خارجي منظر يا داخلي احساس جيڪو انسان جي اندر سُرور، اطمينان ۽ لطف پيدا ڪرڻ سان گڏو گڏ زندگي ۽ ڪائنات ڏانهن مثبت ۽ تخليقي جذبو پيدا ڪري، اهو مظهر ۽ منظر جماليات چوائي ٿو.

”حُسن ۾ ٻه عنصر وجدان ۽ لذت هوندا آهن. حُسن جو علم حاصل ڪرڻ جو عمل بذات خود لذت بخش ٿيندو آهي ۽ ان علم جي حاصلات جو ذريعو عقل آهي. جيڪڏهن حُسن عقل کي لذت بخش لڳي ٿو، ته ان جو مطلب اهو ٿيو، ته ان ۾ اعليٰ درجي جو تناسب آهي، ڇو ته تناسب عقل کي سُٺو لڳندو آهي.“(٢٣)





جماليات جون هِن وقت تائين اڪثر تعريفون ۽ تشريحون اهڙيون پيش ڪيون ويون آهن، جيڪي گهڻي قدر ڳوڙهين لفظن ۽ مفروضن ۾ ويڙهيل هجڻ ڪري، مُنجهيل سُٽ جيان آهن. جن مان علمي ۽ فڪري حوالي سان ڪو به هَڙَ حاصل ڪونه ٿو ٿئي، ڇو ته انهن ۾، ”حُسن کي ذاتي پسند ۽ جماليات کي موضوعي علم تصور ڪيو ويو آهي ۽ ان متعلق عالمگير اصولن کي دريافت ڪرڻ جي ڪا به سنجيده ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي.“(٢٤)

جماليات جيئن ته فڪر ۽ فلسفي سان لاڳاپيل علم آهي، ان ڪري ان کي مختلف عالمن ۽ دانشمندن جي منطقي ۽ مدلل ويچارن جي مدد سان ئي سمجهي سگهجي ٿو. ان لاءِ هيٺ جماليات جون چند اهم مفڪرن پاران پيش ٿيل ڪجهه وصفون پيش ڪجن ٿيون.

”جماليات فلسفي جي اها شاخ آهي، جنهن جو تعلق، فن جي تخليق، قدر ۽ ان جي تجربي سان گڏ، فن جي تجزيي، ان سان لاڳاپيل مسئلن ۽ انهن جي حل سان آهي.“(٢٥)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو، ”جماليات ان کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حُسن کي پرکڻ جو طريقو هجي، يا هڪڙي شيءِ يا ماڻهوءَ بابت ٻڌايو وڃي، ته هيءُ حُسن آهي يا هيءُ حُسن ناهي. اهي فيصلا جنهن قوت سان ڪيا وڃن ٿا، ان کي جمالياتي قوت سڏيو وڃي ٿو. جماليات هڪ اهڙو سائنسي علم آهي، جنهن سان شين جي اصليت يا ماهيت کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. شيون اصل ۾ ڇا آهن؟ جيڪڏهن انهن ۾ ڪو حُسن آهي، ته اهو رڳو جماليات جي علم جي ذريعي ئي معلوم ڪري ۽ سمجهي سگهجي ٿو.“(٢٦)

جماليات جي وصف جي حوالي سان مٿين عالمن جي پيش ڪيل مختلف ويچارن تي جڏهن نظر وجهجي ۽ انهن تي غور ويچار ڪجي ٿو، تڏهن انهن مان ٻه اهم نُڪتا سامهون اچن ٿا، جن مان هڪ کي حُسن ۽ ٻئي کي فن چئجي ٿو ۽ اهي ئي ٻه بنيادي عنصر آهن، جن تي جماليات جو فلسفو آڌاريل آهي. حُسن ۽ فن جو ڳنڍيون منجهه ڳنڍيير وارو تعلق آهي. اهي ٻئي هڪٻئي جي ايترو ته ويجهو آهن، جو بحث کي ڪنهن هڪ موضوع تائين محدود رکڻ مشڪل بلڪه ناممڪن ٿي پوي ٿو. جماليات ۾ اهي ٻئي موضوع ئي زيرِ بحث ايندا آهن.

”ڪڏهن اسان حُسن تي بحث ڪندا آهيون، ته ڪڏهن فن تي. فن تي بحث



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪرڻ وقت اسان جو نڪتهِ نظر معروضي هوندو آهي ۽ حُسن تي گفتگو ڪرڻ وقت معروضيءَ سان گڏ اسان جو مقصد موضوعي بہ هوندو آهي. مباحثِ حُسن ۾ اسان پنهنجو پاڻ کي گهڻو ڪري نظرياتي بحث تائين محدود رکندا آهيون، حُسن جي تعريف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، ان جي ماهيت ۽ هيئت تي ڳالهائيندا آهيون ۽ جمالياتي تجربو، جمالياتي حظ، ذوقِ جمال، جلال ۽ قبح اسان جي تحقيق جا موضوع بڻجندا آهن. ان جي مطالعي جي دائري ۾، فن ۽ فطرت ۾، حُسن ۽ جمال جا موضوع شامل هوندا آهن. ان جي برعڪس جڏهن اسان فن جو اڀياس ڪندا آهيون، تڏهن ڪنهن خاص فن جو نہ، پر فنونِ لطيفہ جي عام اصولن، فن جي تعريف، قسمن، اهميت، ماهيت، مقصدن، تخليق جي جذبي، فن جي ترقيءَ جي اصولن، مختلف علمن سان فنونِ لطيفہ جي تعلق، فن ۽ سماج جا پاڻ ۾ رشتا وغيره بحث هيٺ آڻيندا آهيون. ان ۾ اسين فن جي سماجي، اخلاقي ۽ ذهني پهلوئن جو مطالعو ڪندا آهيون."(٢٧)

يوٽنر ۽ ڊيزرو، حُسن ۽ فن لاءِ علمي حوالي سان بہ جدا جدا نالا تجويز ڪن ٿا، جن مان فلسفِ جمال کي 'علم الحسن' ۽ فلسفِ فن کي 'علم الفن' چون ٿا.(٢٨) انهن مان پهريون نظري علم آهي، جڏهن تہ ٻئي جو تعلق عملي علم سان آهي. جيئن تہ فلسفہ فن (علم الفن) حُسن جي ترويج ۽ تخليق ڪري ٿو، گويا فن جو فلسفو، حُسن جي فلسفي سان سلهاڙيل ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ حُسن جي تشريح ۾ فن جي خوبصورتي لڪل ٿئي ٿي، انهي ڪري جماليات کي سمجهڻ لاءِ فلسفِ جمال (علم الحسن) کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

**فلسفِ جمال ۽ ان جا قسم:**

جماليات، حُسن ۽ فن، ٻنهي جي مطالعي تي محيط آهي. جيتري تائين فلسفۂ جمال جو تعلق آهي، تہ اهو بلڪل نظري علم آهي. حُسن جو اڀياس ڪرڻ وقت اسان ان جي ماهيت تي بحث ڪندا آهيون. اسان اهو ڏسندا آهيون، تہ حُسن جو معيار معروضي آهي يا موضوعي، جامد ۽ ساڪت آهي يا ارتقا پذير. فلسفۂ جمال ۾ جمالياتي ذوق، جمالياتي تجربي ۽ جمالياتي حظ تي بحث ڪيو ويندو آهي ۽ اهي سمورا بحث نظري آهن.(٢٩)

جماليات ۾ بنيادي قدر حُسن آهي. قدر عام طور تي ٻن قسمن جا ٿين ٿا.





هڪ کي قدر بالذات چئجي ٿو ۽ ٻئي کي قدر بالواسطہ. قدر بالذات کي هن ريت بيان ڪنداسين تہ، "جيڪڏهن ڪوئي قدر بذات خود باوقعت آهي ۽ان جو حصول خود هڪ مقصد، تہ ان کي اسان قدر باالذات چونداسين."(٣٠)

جيئن تہ هر ماڻهوءِ جي زاويہ نگاهہ جدا ۽ احساساتي ۽ فڪري دنيا الڳ ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري قدربالذات جي حوالي سان مفڪرن جا خيال ۽ احساس بہ مختلف آهن. ڪانٽ (١٧٢٤ع-١٨٠٤ع) جي نظر ۾ نيڪي، افلاطون (٤٢٧-٣٤٧ ق.م.) جي خيال ۾ سچ، حُسن ۽ خير. سقراط جي سوچ موجب علم ۽ اقبال لاءِ خودي قدربالذات آهن. جڏهن تہ قدر بالواسطہ ۾ اهي شيون شامل هونديون آهن، جيڪي حاملِ قدر آهن. مثلاً دولت، طاقت ۽ حڪومت وغيره، جيڪي صفتي طور تي بذات خود قدر نہ، پر حامل قدر آهن، تنهن ڪري انهن کي قدر بالواسطہ چئجي ٿو.

حُسن کي اڪثر مفڪرن قدربالذات چيو آهي، ان ڪري جماليات ۾ حُسن جي وڏي وقعت آهي. عام طور تي حُسن ۽ جمال کي معنوي ۽ فڪري حوالي سان هڪ ئي سمجهيو ويندو آهي، لغوي ۽ لفظي لحاظ کان تہ اهو ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي، پر حُسن صرف جمال ناهي، ان ۾ جمال ۽ جلال کان علاوه ٻيون انيڪ صفتون بہ شامل آهن، جن کي مختلف مفڪرن مختلف نالن سان بيان ڪيو آهي.

سيسرو ان حوالي سان حُسن جا ٻہ قسم ٻُڌائي ٿو. هڪ دلربائي، جيڪا نسواني صفت آهي ۽ ٻي عظمت، جيڪا مردانہ خصوصيت آهي. جسيو آندري حُسن کي ٽن قسمن، الوهي يا بنيادي حُسن، فطري حُسن ۽ اجمالي حُسن ۾ ورهائي ٿو. سندس راءِ موجب حُسن جا اهي ٽئي قسم حسي ۽ ذهني آهن. "حسي حُسن جو تعلق جسم سان هوندو آهي ۽ ذهني حُسن جو روح سان.... الوهي حُسن جو انحصار ترتيب، تناسب ۽ موزونيت تي آهي. فطري حُسن جو تعلق رنگ ۽ روشنيءَ سان هوندو آهي. جڏهن تہ اجمالي حُسن، رسم ۽ رواج، انفرادي ذوق ۽ قومي مزاج سان متعين ٿيندو آهي."(٣١)

هوم لارڊ ڪيمز جي خيال موجب حُسن ٻن قسمن جو ٿئي ٿو، جن مان هو هڪ کي حُسن بالذات ۽ ٻي کي اضافي حُسن چوي ٿو. ڪائي شيءِ ٻي ڪنهن شيءِ سان ڀيٽ ڪرڻ کان سواءِ بہ حسين لڳي، تہ اها حُسن بالذات چوائيندي، جڏهن تہ اضافي حُسن شين جي پاڻ ۾ لاڳاپي ۽ ڀيٽ ۾ لڪل ٿئي ٿو. پهرين جو دارومدار فقط حواسن تي

آهي، جڏهن تہ اضافي حُسن جي ادراڪ لاءِ فهم ۽ فڪر بہ ضروري آهي. اليسن ۽ ڪانٽ، حُسن کي صفاتي حوالي سان ٻن قسمن ۾ ورهائين ٿا. اليسن، هڪ کي قدرتي ۽ ٻئي کي اضافي حُسن چوي ٿو، جڏهن تہ ڪانٽ انهن کي آزاد ۽ متوسل حُسن جانالا ڏئي ٿو. اليسن جي اضافي ۽ ڪانٽ جي آزاد حُسن جو تعلق، شين جي هيئت ۽ ساخت سان آهي. قدرتي منظر، گل ۽ ٻوٽا قدرتي حُسن جو مثال آهن. جڏهن تہ متوسل حُسن ۾ هيئت کان سواءِ مقصد بہ شامل ٿئي ٿو.

سونهن ۽ حسن جون ايتريون رعنائيون، رنگينيون ۽ بي انت ڏسائون آهن، جو انهن کي مڪمل طور بيان ڪري سگهڻ ناممڪن نہ. تڏهن بہ تمام گهڻو مشڪل ۽ اوکو ضرور آهي. مختلف فڪري لاڙن جي عالمن ۽ مفڪرن، حُسن جا ڪيترائي ئي قسم ٻڌايا آهن، جن ۾ قدرتي حُسن، انساني حُسن، فني حُسن، وجداني حُسن، لفظي حُسن، لغوي حُسن، تشبيهي حُسن، ترڪيبي حُسن، تخيلاتي حسن، استعاراتي حُسن، فڪري حُسن، موضوعي حُسن، معروضي حُسن، معنوي حُسن، درد جو حُسن، حسياتي حُسن، تخليقي حُسن، نفسياتي حُسن، احساساتي حُسن، عڪسي حُسن، مزاحمتي حُسن، علامتي حُسن وغيره شامل آهن.

**فن جا قسم:**

فن جا بنيادي طور ٻہ قسم آهن: پهريون افادي فن ۽ ٻيو جمالياتي فن.

**(۱) افادي فن**

انسان جي ناهيل هر اها شيءِ، جيڪا حسين آهي ۽ ان جو ڪو مادي ڪارج بہ آهي، سا "افادي يا فن براءِ ڪارج" سڏجي ٿي. ان جي وڌيڪ چِٽائي هن ريت ڪنداسين تہ، "ماڻهو پنهنجي روزمره جي زندگي گذارڻ ۽ ان ۾ سهولت حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ ايجاد ڪن ٿا، ان کي انهن جي فني پيداوار يا تخليق چئبو آهي ۽ جنهن رنگ يا طريقي سان اها تخليق يا پيداوار هُو وجود ۾ آڻين ٿا، ان کي سندن ڪاريگري يا فن سڏيو وڃي ٿو."(۳۲) مثال طور: لوهار، ڊکڻ ۽ رازي جو ڪم، جيڪو پنهنجي فني بيهڪ ۽ ڏيک ويک ۾ حسين بہ آهي، تہ افادي حوالي سان ڪارج وارو ۽ انسان لاءِ سهولتون ۽ سُکَ پيدا ڪندڙ بہ. ان نسبت سان ڪجهہ فن جزوي طور افادي ۽ جزوي طور غير افادي هوندا آهن. هڪ رازو، جيڪو مسجد ناهي ٿو، اهو يقيني طور ان جو خاڪو افادي جوڙيندو، پر





ان جي تعمير ۾ حسين ۽ غير افادي پهلو بہ شامل هوندو آهي. ان ڪري ئي اها عمارت عبادت گاهہ سان گڏوگڏ هڪ حُسن ۽ جاذبيت جو شاهڪار لڳندي آهي. هن فن کي هنر ۽ ڪاريگري بہ چيو ويندو آهي.

**(۲) جمالياتي فن**

ادب، شاعري، راڳ، رقص، مصوري، سنگتراشي ۽ ٻيا اهڙا فن، جيڪي فنونِ لطيف چوائن ٿا، اهي سيئي جمالياتي فن ۾ شامل آهن. جمالياتي فن جي هڪ وصف سيد عابد پنهنجي ڪتاب، "اسلوب" ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو: "فنونِ لطيفہ ۾ اهو ضروري آهي، تہ اهي انسان جي شعورِ حُسن ۽ حسِ جمال کي جاڳائين. اهي قرار ۽ سڪون جو احساس پيدا ڪرڻ کان علاوه اسان کي پڙڪندڙ جذبن جا رنگ پڻ پَسائيندا آهن."(۳۳)

"فني تخليق صرف حُسن ۽ جمالياتي قدرن جو مجسمو نہ هوندي آهي، پر ان جي ذريعي اخلاقي، مذهبي، ذهني(فڪري) ۽ هر ان قدر کي پيش ڪري سگهجي ٿو، جو فنڪار يا ان سماج کي متاثر ڪري، جنهن جو فنڪار هڪ فرد آهي."(۳۴)

جمالياتي فن جو ڪارج خوشي، خوبصورتي ۽ جمالياتي ذوق جي تسڪين تہ آهي، پر ان کان علاوه اهو انساني اندر ۾ هڪ لطيف داخلي حس کي پڻ بيدار ڪري ٿو، جنهن ڪري جمالياتي فن جي وقعت هنر ۽ ڪاريگري جي ڀيٽ ۾ نرالي ٿئي ٿي. ڪنهن بہ فنڪار ۽ تخليقڪار جو فن ان ڪري بہ اعليٰ ۽ انوکو ٿئي ٿو، ڇو تہ هو ان ۾ نہ فقط شين جا رواجي نقش نگار نڪاري ٿو، پر هو ان ۾ پنهنجي تخيل، فڪر، ادراڪ ۽ احساس جا رنگ بہ اوتي ٿو، جيڪي گڏجي معمولي شين کي غير معمولي بڻائين ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو وردِس ورٿ چيو: "مان عام شين کي غير معمولي بڻائيندو آهيان."(۳۵)

اسان مان گهڻن سسئي، سهڻي، مارئي ۽ ليلا جي لوڪ داستانن واري ڪٿا ڪنهن جي واتان ٻُڌي يا پاڻ پڙهي هوندي، پر جڏهن ڀٽائي يا شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ انهن سورمين جي ڪٿا ۽ ڪردارنگاري پڙهون ٿا، تڏهن انهن جو عڪس ۽ احساس، تاثر ۽ حُسن ئي نرالو نظر اچي ٿو. هڪ تخليقڪار شين کي پنهنجي فڪر ۽ احساس جي خوردبينيءَ سان ڏسندو آهي، ان ڪري ان کي شين جا اهي اوجهل زاويا، رنگ، روپ، خوبيون ۽ خوبصورتيون بہ نظر اينديون آهن، جيڪي هڪ عام ماڻهوءَ کي ڏسڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ نہ ايندئون آهن، ان ڪري هڪ فنڪار جو فن نہ صرف نئون ۽ نرالو ٿيندو آهي، پر اهو هڪ حسين جهان جيان هوندو آهي. عام طور تي لفظي ۽ لغوي لحاظ کان فن ۽ هنر کي هڪ ئي سمجهيو ويندو آهي، پر انهن ۾ هيٺيان ڪجهہ صفتي ۽ بنيادي فرق آهن، جيڪي انهن کي هڪٻئي کان الڳ ڪن ٿا.

۱. هنر ۽ ڪاريگري سان ٺاهيل ڪنهن شيءِ جون، ان جهڙيون ٻيون انيڪ شيون ٺاهي سگهجن ٿيون. مثال طور هڪ مصور هڪ تصوير جون هُوبهُو ان جهڙيون سوين تصويرون ٺاهي سگهندو آهي، پر هڪ مصور لاءِ اهو ناممڪن آهي، ڇو تہ هڪ فن پارو هڪ ڀيرو ئي تخليق ٿي سگهندو آهي. ”هزارين مصور ۽ سنگ تراش آيا، مائيڪل اينجلو جهڙو ڪم ڪير بہ نہ ڪري سگهيو. مونا ليزا جهڙي پُراسرار مرڪ ٻيهر ڪينواس جي زينت بڻجي نہ سگهي ۽ نہ ئي ڪو ٻيو هومر، ورجل، ڊانٽي، شيڪسپيئر، شاهہ لطيف يا شيخ اياز ٿي سگهيو آهي. هڪ فني تخليق کان ٻي فني تخليق وڌيڪ خوبصورت ۽ مڪمل ٿي سگهي ٿي، پر هوبهو ان جهڙي ٿي نہ ٿي سگهي.“(۳٦)

۲. هنرمنديءَ سان ٺاهيل ڪنهن بہ شيءِ جو خاڪو ۽ هيئت ڪاريگر جي سوچ ۾ اڳئي طئي ٿيل هوندو آهي. هڪ رازو جڏهن بہ ڪائي عمارت ٺاهيندو آهي، تڏهن ان جو پورو نقشو، ان جي ماپ ۽ جوڙجڪ جي ڪٿ ڪندو آهي، تنهن کان پوءِ ئي ان کي تعمير ڪندو آهي. جڏهن تہ هڪ فنڪار جي تخليق، طئي ٿيل ماڻ ۽ ماپي بدران تخيل ۽ وجدان جو تخليقي مظهر هوندي آهي.

۳. هنر ۽ ڪاريگريءَ جو ڪارج، مادي هوندو آهي. هڪ موٽر ڪار سواريءَ لاءِ ڪم اچي ٿي ۽ هڪ گهر رهائش جو سُکُ ۽ سڪون ڏي ٿو. جڏهن تہ فن جي افاديت احساسي ۽ جمالياتي هوندي آهي.

هنر ۽ فن جي حوالي سان مختلف مفڪرن جا مختلف خيال آهن. سوشلسٽ ۽ مارڪسوادي مفڪر هنر جي مادي ۽ پورهئي واري ڪارج سبب، ان کان تمام گهڻو متاثر آهن. سندن خيال موجب، ”جڏهن هڪ لوهار رُڪ کي پگهاري پنهنجي ذهن ۾ ٺاهيل شڪل مطابق روپ ڏي ٿو، تڏهن سندس اندر خوشيءَ سان ڀرجي وڃي ٿو. هو سوچي ٿو، تہ هن ڪم ۾ ڪيڏو نہ مزو ۽ سرور آهي. هٿ ۾ اوزار، ڏاتوءَ مٿان اُڪر، صفائي سٽرائي، ڇنڊڇاڻ ۽ پوءِ بي ڊولو لوهہ جو ٽڪرو ڪنهن سهڻي شاهڪار جي شڪل ۾ مَتجي وڃي ٿو.“(۳۷) هو پورهئي جي عمل ۾ ئي حُسن جي احساس کي پسڻ جا قائل آهن. هنن لاءِ محنت ئي اهڙي سچائي





آهي، جيڪا زندگيءَ کي زنده رهڻ جي قابل بنائڻ کان علاوه ان کي بامعنيٰ ۽ حسين بڻائي ٿي، انهي ڪري هو هنر کي فن کان وڌيڪ اوليت ڏين ٿا.

بدر ابڙو پنهنجي ڪتاب، ”تنقيد نگاري۔ ارتقائي جائزو“ ۾ مارڪس جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: ”ڪوريئڙي جو ڄار ايترو تہ سهڻو هوندو آهي، جو ڪو بہ انساني ڪاريگر ڪوريئڙي جو مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي، پر ان جي باوجود ڪو ڏڏ کان ڏڏ ڪاريگر بہ بهترين ڪوريئڙي کان مٿانهون آهي، ڇو تہ انسان ڪاريگر پنهنجي تخليق ڪرڻ کان پهرين ذهن ۾، ان جو تصور قائم ڪندو آهي.“(۳۸)

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ، هڪ هنر مند ۽ ڪاريگر سماجي زندگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ان جي پورهئي کي پنهنجي هڪڙي افاديت آهي، پر جيڪڏهن گهَرائي سان ڏسجي تہ، فن کي بہ پنهنجو ڪارج آهي، جيڪو هنر کان مختلف آهي. هيءَ زندگي، جيڪا انيڪ ڏکن، ڏوجهرن، مونجهارن ۽ مسئلن سان ڀري پئي آهي. طبقاتي ۽ سرمائيداراڻا سماج، جنهن ۾ هڪ حساس ۽ ذي شعور ماڻهو هر پل پنهنجو ساهہ گُهٽجندي محسوس ڪري ٿو، نٽشي چواڻي، ”هِن دنيا ۾ ماڻهوءَ کي جيئڻ جو ساهس، فن، فنڪاراڻا تخيل ۽ اعليٰ اخلاقي قدر عطا ڪن ٿا ۽ اهو جياپو، جيڪو ناقابل برداشت آهي، اهو فنونِ لطيفہ سبب ئي قابل ستائش بڻجي ٿو.“(۳۹) اهي فنِ لطيف ئي آهن، جن جي بدولت انسان ’سماجي جانور‘ کان ’اشرف المخلوق‘ جي رُتبي تائين رَسائي حاصل ڪري ٿو.

**فن جا نظريا:**

سماجي ۽ تهذيبي تاريخ جي اوسر سان گڏ فن ۽ فني نظرين بہ پئي جنم ورتو آهي. فن بابت مختلف مفڪرن جا مختلف نظريا آهن، جن مان ٽن اهم نظرين جو ذڪر ۽ تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو.

فن براءِ نقل (۲) فن براءِ مسرت (۳) فن براءِ اظهار ۽ ابلاغ

**۱. فن براءِ نقل:**

هن نظرئي جو باني افلاطون آهي. افلاطون بنيادي طور خيال پرست هو. ”خيال پرستيءَ واري سوچ ڏارا مطابق مادي کي ’خيال‘ (روح يا شعور) جي وسيلي سمجهيو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. ان ۾ خيال مکيہ عنصر آهي، جيڪو هستيءَ (وجود يا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مادي) کي پيدا ڪري ٿو. هن ريت خيال پرست مادي جي وجود کان انڪار ته نه ٿا ڪن، پر ماديت پسندن جي ابتڙ اوليت ’خيال‘ کي ڏين ٿا. هو خارجي حقيقت کان انڪار ڪري، داخلي حقيقت کي مڃين ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي، اها حقيقت، جيڪا فقط اسان (هنن) جي سوچ ۾ موجود آهي.“[٤٠]

افلاطون جي فڪر موجب، شين جو اصل خالق ۽ تخليقڪار مالڪِ حقيقي آهي، انهن جي صورت ۽ سچائيءَ جو حقيقي خاڪو به ان وٽ آهي. هن دنيا ۾ مادي طور تي جيڪي شيون موجود آهن، اهي ان اصل جو پرتوو، عڪس يا نقل آهن. جڏهن ڪو به فنڪار انهن جي عڪاسي ڪري ٿو، تڏهن حقيقت ۾ اهو ان اصل جي نقل جو به نقل ڪري ٿو. افلاطون فن جو بنياد، تخليق بدران نقل کي سمجهي ٿو، انهيءَ ڪري، هو فنڪار کي تخليقڪار بجاءِ نقلڪار سڏيندي چوي ٿو: ”مصور ۽ شاعر (فنڪار) کي به اصل شيون نه، پر انهن جا نقل يا عڪس پيش ڪندا آهن، ان ڪري اهي فن اصل حقيقت کان گهڻو پري ٿي ويندا آهن، ڇو جو اهي شيون جن جو هو نقل پيش ڪندا آهن، اهي پاڻ به اصل حقيقت ڪونه هونديون آهن، بلڪ پنهنجي تخليق ڪندڙ جي ڪنهن خيال، ڪنهن هيئت جو نقل هونديون آهن، ان ڪري شاعر ۽ مصور نقل جو به نقل پيش ڪندا آهن. ايئن شاعر غير حقيقت کي حقيقت ڪري ۽ عڪسن جو عڪس ۽ نقل جو نقل پيش ڪن ٿا.“[٤١]

افلاطون فن کي نقل سمجهڻ ڪري، فنڪار کي به ڪائي اهميت ڪونه ٿو ڏئي. اهو ئي سبب آهي، جو هن پنهنجي ”مثالي رياست“ مان شاعرن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، پر ان جي پيٽ ۾ ارسطو، جيڪو افلاطون جو شاگرد هو ۽ خيال پرست استاد جي برعڪس معقوليت پسند هو، تنهن فن کي خارجي ۽ داخلي دنيا جو اولڙو ۽ عڪس ٿي سمجهيو. افلاطون جي نظرئي جا مذهبي ڌرين تي تمام گهڻا اثر پيا، جنهن ڪري عرصي تائين فن ۽ فنڪار کي فضول شئي سمجهي، ان کي نظر انداز ڪيو ويو. مصوري ۽ سنگتراشيءَ جي حوصلا شڪني ڪئي وئي، البته هنر ڪافي پذيرائي حاصل ڪئي. خاص ڪري تعميراتي فن ۽ خطاطي وڏو عروج ماڻيو. علم، شعور ۽ فڪري پختگي ڪري، هي نظريو هن وقت جهڙوڪر پنهنجي وقعت وڃائي چڪو آهي.

**٢. فن براءِ مسرت:**

”فن جي سڀ کان وڏي خصوصيت، ان جو سٺو لڳڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن





فن ۾ ٻيون خوبيون ته آهن، پر اهو، مسرت، سرور ۽ سڪون جو باعث نه آهي، ته پوءِ اهو ٻيو ڪجهه ته ٿي سگهي ٿو، پر ان کي فن پارو نه ٿو چئي سگهجي.“[٤٢]

هڪ تخليقڪار، ڪنهن به فن پاري جي تخليق وقت نه صرف پاڻ ان تخليقي ڪيفيتن مان فڪري ۽ احساساتي طور تي محظوظ ٿيندو آهي، پر ٻيا به ان مان پنهنجي مزاج ۽ طلب جي آڌار حظ ۽ سڪون حاصل ڪندا آهن. تخليقي لمحن دوران، ”هن جي جذبات ۾ هڪ هيجان برپا هوندو آهي، پر اهو هيجان آخر ۾ هن لاءِ سڪون ۽ آنند بڻجي ويندو آهي.“[٤٣] فنڪار جي ان هيجان ۽ جذبات سان ڀرپور ڪيفيتن ۽ فن کي، فرائڊ ۽ جونگ بيداريءَ جي خوابن ۽ خوابن جي بيداريءَ سان تعبير ڪيو آهي. فرائڊ جي خيال ۾، ”بيداريءَ جا خواب شاعراڻا (فنڪارانه) تخليق جو خام مواد آهن....۽ جونگ لاءِ، بيداريءَ جي خوابن جي نوعيت فن جهڙي آهي.“[٤٤]

فن جيئن ته هنري عمل کان بنهه ئي مختلف ۽ وجداني ندرتون رکندڙ ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري ان جي حظ ۽ سڪون جون معنائون به وسعت واريون آهن. فن جي هن نظرئي جي پيروڪارن جي مجموعي راءِ ڊاڪٽر لاڪ جي هنن لفظن جهڙي آهي ته، ”شاعري (تخليقي فنَ) دراصل شاعرن (فنڪارن) لاءِ تسڪين جو باعث آهن ۽ اهي گهڻي قدر انساني جذبات کي مسرت ۽ سڪون عطا ڪن ٿا.“[٤٥]

**٣. فن براءِ اظهار ۽ ابلاغ:**

فنڪار پنهنجن جذبن، احساسن، اندر جي روڳن ۽ راحتن کي ڪنهن نه ڪنهن فني انداز سان بيان ڪندو ۽ اهي ٻين تائين پهچائيندو آهي. اهي جذبا ۽ احساس جيڪي، هو فن جي قالب ۾ پرتي پيش ڪري ٿو، تن کي ان جي اندر ۽ ادراڪ جو اظهار چئجي ٿو ۽ اهو اظهار ٻين تائين جيڪو تاثر منتقل ڪري ۽ پهچائي ٿو، سو ابلاغ آهي. ”هن وقت تائين فن متعلق جيترا به نظريا رائج آهن، انهن مان اظهاريت جي نظرئي کي سڀ کان وڌيڪ مقبوليت حاصل آهي.“[٤٦] ڇو ته اهو اظهار ۽ ابلاغ جو نظريو ئي آهي، جنهن ادب ، فڪر ۽ فن جي دنيا ۾ انيڪ بحث مباحثن کي جنم ڏنو، جن ۾، ادب براءِ ادب، فن براءِ فن، فن براءِ حُسن ۽ فن براءِ زندگي وغيره شامل آهن.

اظهار جي فن (Expressionism) جو باني ڪروچي کي چيو وڃي ٿو. جڏهن ته ابلاغ (communication) جو مبلغ ليئو ٽالسٽاءِ (Leo Tolsty) آهي، جنهن جي خيال ۾ فن، انساني زندگيءَ جي اجتمائي قدرن جو عڪاس ۽ فنڪار جي داخلي اُمنگن ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

احساسن جو آئينو آهي. ڪروچيءَ جو نظريو اَجمالي طور هي آهي تہ ”حُسن ئي درحقيقت اظهار جو نالو آهي. عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي، تہ حُسن هڪ اهڙي صفت آهي، جيڪا پهاڙي منظرن، تصويرن، مجسمن ۽ شاعري وغيره ۾ موجود هوندي آهي، پر اهو تاثر غلط آهي. حُسن ان شخص (فنڪار) جي ذهني تجربن جي هڪ خوبي آهي، جيڪو مٿين شين کي خوبصورت قرار ڏئي ٿو. هيءَ صفت بنيادي طور تي اظهار جي ذهني فعاليت آهي....فن تخليقي فعاليت جي حوالي سان مقصد کان مٿانهون آهي، ان ڪري اظهار جي فعاليت وجداني ۽ جمالياتي ٿئي ٿي.“(٤٧)

ڪروچيءَ جو اظهاري نظريو داخلي ۽ تخليقڪار جي وجداني ادراڪ ۽ احساس جو نتيجو آهي، جنهن کي هو فلسفي، تاريخ ۽ سائنس کان بلڪل مختلف سمجهي ٿو، ڇو تہ فلسفي جو تعلق منطقي فڪر سان آهي. تاريخ، وقت ۽ حالتن ۾ سچائيءَ جي متلاشي ٿئي ٿي ۽ سائنس شين جي تجزياتي پرک سان ٺوس نتيجا پيش ڪندڙ علم آهي. جڏهن تہ فن، فنڪار جي داخلي وجدان جو مظهر ٿئي ٿو، ان ڪري فن ۾ ”وجدان نہ صرف ان فڪري يا سائنسي تصورن جي تشڪيلات کان مختلف آهي، جيڪي استخراج ۽ استقراءَ سان حاصل ٿيندا آهن، پر اهو انهن کان بنهہ بي نياز بہ هوندو آهي. ان جو تعلق نہ منطق سان آهي، نہ اخلاقيات سان، پر اهو مطلق آهي ۽ ان جي هڪ پنهنجي دنيا ٿئي ٿي، فن جي دنيا. هيءَ دنيا هڪ طرف فعل ۽ عمل جي دنيا کان مختلف آهي، تہ ٻئي طرف تعقلات ۽ سائنس جي دنيا کان ماورا....حُسن ۽ فن نہ تہ تفڪر تي مبني آهي ۽ نہ ئي اهو وري ڪُليات جي تصوير ڪشي، پر ان جي برعڪس حُسن يا فن دراصل انفراديت جو اظهار آهي. فڪري علم تجريد ذريعي ڪليات تائين پهچي ٿو ۽ وجداني علم حسي تشخص ذريعي انفراديت کي وجود ۾ آڻيندو آهي.“(٤٨)

جيئن تہ فنڪار ۽ تخليقڪار سماج جي ٻين فردن جي نسبت وڌيڪ حساس ٿيندو آهي، ان ڪري هو عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ سماج جي ڏکن ۽ سکن، ان جي داخلي احساسن ۽ امنگن جو وڌيڪ ادراڪ ڪري سگهندو آهي. خارجي طور تي دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ وهي واپري ٿو، هڪ تخليقڪار ان جا اثرات داخلي طور تي پنهنجي دل ۽ دماغ تي محسوس ڪندو آهي. هن جي تخليق ۽ فن ڪائي ماورائي شيءِ ڪانہ آهي، پر اها منفرد ۽ انوکي آهي. ان ۾ اها ڪائپ ۽ انفراديت انهيءَ ڪري آهي، جو هڪ فنڪار جڏهن ڪائي تخليق سِرجيندو آهي، تڏهن ان جو معطل شعور ۽ لاشعور هڪ ئي وقت متحرڪ ٿئي، هڪ وجداني ڪيفيت کي جنم ڏيندا آهن.





فنڪار جو وجدان جيترو يڪتا ۽ سگهارو هوندو آهي، تخليق بہ اوتري مڪمل، موهيندڙ ۽ دل تي ديرپا اثر ڇڏيندڙ هوندي آهي. فن جي مذڪوره نظرين تي ڳالهائڻ کان پوءِ هاڻي حُسن جي هيٺين ٽن اهم نظرين تي تفصيلي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جن جي تفصيل ۽ تجزئي سان اميد تہ جماليات جي فڪر ۽ فلسفي جي چڱي ڇِنڊائي ٿي سگهندي.

## حُسن جا نظريا:

مفڪرن ۽ عالمن حُسن جا جدا جدا نظريا پيش ڪيا آهن. جن مان چار وڏي اهميت جا حامل آهن. پهريون حُسن جو مابعدالطبيعاتي نظريو، ٻيو حُسن جو معروضي نظريو، ٽيون حُسن جو موضوعي نظريو ۽ چوٿون حُسن جو موضوعي ۽ معروضي نظريو. هيٺ انهن نظرين جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

### ١. حُسن جو مابعدالطبيعاتي نظريو:

هن نظرئي موجب حُسن، ”ذاتِ باري تعاليٰ جي هڪ صفت آهي ۽ صرف اها شيءِ خوبصورت آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان حقيقتِ اوليٰ سان لاڳاپيل آهي.“(٤٩) هن نظرئي جي حامين ۾ شيلنگ، شوپنهار، ڪرزن، فشر، ونڪل مان ۽ سينٽ آگسٽائين وغيره شامل آهن، پر هن جو پهريون داعي يوناني مفڪر افلاطون هو، جنهن جي خيال موجب: ”حُسن مطلق، ازلي ۽ ابدي آهي ۽ اهو خير ۽ صداقت جو هم معنيٰ پڻ. ذاتِ خداوندي ۾ اهي اعليٰ قدر نہ فقط موجود آهن، پر ذاتِ باري تعاليٰ انهن جو سرچشمو آهي. حُسنِ مطلق، هر حسين شيءِ ۾ منعڪس آهي. اهو ڪامل، يڪتا ۽ سدا رهندڙ آهي. حُسنِ مطلق، ماوراءِ ادراڪ آهي، جنهن کي ظاهري اک سان نہ، پر دل جي اک سان پَسي سگهجي ٿو.“(٥٠)

اشراقي فلسفي فلاطونيس هن نظرئي جو تمام گهڻو پرچار ڪيو ۽ اڄ تائين تصوف جي مسلڪ سان وابستا صوفين ۽ سنتن وٽ ان فڪر جي وڏي وقعت آهي. نو اشراقي مفڪرَ ابن سينا، فارابي ۽ اخوانِ صفا کان وٺي حلاج، غزالي، جنيد بغدادي ۽ بايزيد بسطامي تائين سڀ ان خيال جا قائل هئا. صوفين جي خيال ۾ انسان يا ڪائنات ۾ موجود شين ۾ جيڪو حُسن ۽ جمال آهي، اهو آفاقي حُسن جو پرتوَ آهي. هن ساري سنسار ۾ جيڪي رنگ ۽ رونقون آهن، اهي نورِ الاهيءَ جو ڪمال آهن. ”جڏهن جز ۾ ڪل، فاني ۾ لافاني، مُرئي ۾ غير مُرئي، ڪثيف ۾ لطيف ۽ اونده ۾ نور چمڪي ٿو، تہ ڏسندڙ جي اک اصل ۾ ازلي حُسن جو مشاهدو ڪري ٿي ۽ سندس روح سرشار



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿي وڃي ٿو.“[۵۱]

### ٢. حُسن جو معروضي نظريو:

”معروض“ عربي ٻوليءَ جي لفظ ”ارض“ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”ڌرتي يا زمين“. ان نسبت سان اسين عام فهم معنيٰ وٺنداسين، ته اها ٿيندي باغ، رنگ، پهاڙ، درياءَ، آبشار، ڪتاب، ميز[۵۲] موسيقي، ماڻهو ۽ ٻيا اهڙا فطرت جا منظر، لقاءَ ۽ مظهر، جيڪي معروضي طور تي هن ڪائنات ۾ وجود رکن ٿا . ٻين لفظن ۾ اهي خارجي شيون، جن کي حواس محسوس ڪن ٻُڌن ۽ ڏسن، اهي معروضي آهن.

”حُسن جي معروضي نظرئي جو مطلب آهي، ته حُسن، مشهود (عالمِ موجودات) جي هڪ صفت يا جوهر آهي، جيڪو ڪنهن ڏسندڙ جو محتاج ناهي. حسين شيءِ بذات خود حسين هوندي آهي. ان کي ڪوئي ڏسڻ وارو يا ان مان محظوظ ٿيڻ وارو ڪوئي هجي نه هجي، پر اها حسين رهندي. حُسن جو تعلق ڏسندڙ اک سان نه، پر ان شيءِ سان آهي، جنهن کي اک ڏسندي آهي.“[۵۳]

هن نظرئي جي حامين ۾، افلاطون، ارسطو، سينٽ آگسٽائين (٣٥٤-٤٣٠)، ليسنگ، هيگل (١٧٧٠-١٨٣١)، بيڪن، بام گارٽن، ڪروچي (١٨٦٦-١٩٥٢)، ملٽن وغيره جا نالا شامل آهن. حُسن جو معروضي نظريو سڀ کان قديم آهي ۽ اهو يونانين وٽ تمام گهڻو مقبول هو. سندن خيال ۾، ”حُسن، وحدت في الڪثرت، تناسب ۽ هم آهنگيءَ ۾ پوشيده آهي. انهن صفتن سان گڏو گڏ هو ان ڳالهه جا به قائل هئا، ته حُسن کي خير، اخلاق ۽ صداقت جي معيارن تي پورو لهڻ گهرجي، ڇو ته انهن کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي حسين چوڻ ناممڪن آهي.“[۵۴]

هن نظرئي جا پيروڪار عقليت پسند آهن. عقليت جي فلسفي مطابق، ”جا شيءِ ڪائنات ۾ يا فطرت ۾ موجود آهي، سا عقل جي مدد سان سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ جا شيءِ انساني عقل کي سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ناهي، سا آهي ئي ڪانه. يعني فوق الفطرت کي ڪو وجود ڪونهي ۽ جيڪي فطرت ۾ آهي، سو ممڪن ۽ قابلِ فهم آهي.“[۵۵]

هنن جي راءِ موجب حُسن شين ۾ هوندو آهي، يعني خوبصورتي شين جي هڪ خوبي آهي، جيڪا ڪنهن تي مدار رکڻ بدران بذاتِ خود وقعت واري ۽ بامعنيٰ آهي. ڍنڍ ۾ ٽڙندڙ ڪنول جو گل، گلاب جي پنکڙين تي ڪِريل ماڪ جا قطرا، ڪويل جي ڪوڪ، مور جو رقص، سِج جا ڪِرڻا، بهار جي موسم ۽ چوڏهين رات جي چنڊ جي





چانڊوڪي ڪنهن ڏسندڙ کان سواءِ به حسين آهن. انهن کي ڪو ڏسي يا نه ڏسي، پر انهن ۾ حُسن موجود آهي.

### ٣. حُسن جو موضوعي نظريو:

هن نظرئي موجب حُسن ڏسندڙ جي اک ۾ آهي، يعني ”حُسن مشهود (عالمِ موجودات) جي صفت نه، پر شاهد (ڏسندڙ)، فنڪار ۽ صانع جي ڪائي خوبي، ذهني قوت يا ڪوئي نفسياتي عمل (احساس) آهي... ڪائي شيءِ بذات خود نه حسين هوندي آهي، نه ئي بدصورت. حُسن ۽ قبح جو حامل ته اهو شاهد آهي، جيڪو انهن شين مان جمالياتي تجربو (حِظُ) حاصل ڪندو آهي.“[۵۶]

فن، حُسن آهي ۽ حُسن فقط مادي وجود تائين محدود ڪونهي، پر اهو فنڪار جي دل جي دنيا ۽ انفرادي احساسن ۾ لڪل ٿئي ٿو، اهوئي سبب آهي، جو جڏهن هڪ فنڪار ۽ تخليقڪار ڪائي تخليق سرجيندو آهي، ته اها ٻين کان مختلف ۽ منفرد هوندي آهي. حُسن ٻين مِڙني فڪرن ۽ فلسفن کان مختلف ۽ نرالو آهي. اهو سائنس، تاريخ، منطق ۽ ٻين مدلل ذريعن بدران وجداني احساس ۽ داخلي اظهار سان پرکي، پروڙي ۽ ساڃاهي سگهجي ٿو، ڇو ته ”فن هميشه (فنڪار جي) پنهنجي ذات جو اظهار هوندو آهي. اهو هڪ اهڙو اندروني، داخلي ۽ عيني عمل ٿئي ٿو..... جيڪو تخليق کان پهريان ئي فنڪار جي اندر وجود وٺي چڪو هوندو آهي. اظهار فقط هي ڪم ڪندو آهي، ته اهو پڙهندڙ کي به ان تجربي سان همڪنار ڪندو آهي، جيڪو تخليق کان پهريان فنڪار جي اندر ۾ موجود هو.“[۵۷]

هن نظرئي جا حامي داخليت پسند آهن. هنن لاءِ حُسن جو مامرو خارجي بدران داخلي ۽ دلي آهي. ”شين جي خوبصورتي ۽ انهن ۾ ڪشش انسان جي پنهنجي جذبن تي مدار رکي ٿي. انسان جيڪڏهن خوش هوندو، ته هر شيءِ پيئي وڻندس ۽ جي ناخوش هوندو، ته ڪجهه به ڪونه وڻندس، جنهن جو مطلب اهو ٿيو، ته ڪشش، حُسن ۽ جمال جهڙا جذبا انسان جي پنهنجي من ۾ ئي لڪل آهن.“[۵۸]

هن نظرئي جي پيروڪارن ۾ ڪيرٽ، شيلي(١٧٩٢-١٨٢٢)، ڪولنگ، بام گارٽن، ڪيٽس، روسو، لائبنز، ليوڪريٽس، والف، رابرٽ وِشر، لِپس، والڪيٽ ۽ پاسڪل جا نالا اچي وڃن ٿا . هنن لاءِ ” فن جي ڪماليت ۽ معجزي جو تعلق ڪنهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خارجي شيءِ سان ڪونهي، پر اهو فنڪار جي تصور ۾ اندر جي وجداني اظهار جو نتيجو آهي. جڏهن تہ خارجيت جو تعلق ميڪانيڪي جزئيات ۾ دستڪارانہ هنر سان هوندو آهي.“(۵۹)

### ۴. حُسن جو موضوعي ـ معروضي نظريو:

حُسن جو هي نظريو مٿي بيان ڪيل ٽنهي (مابعدالطبيعاتي، معروضي ۽ موضوعي) نظرين جو سنگم آهي، جيڪي هڪ لحاظ کان فڪري ۽ معنوي حوالي سان تہ پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکن ٿا ۽ انهن تي مختلف مفڪرن پنهنجا جدا ويچار بہ پيش ڪيا آهن، پر جڏهن انهن جي تجزياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي ٿي، تڏهن ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مذڪوره نظريا، حُسن جي جزوي صداقت بيان ڪن ٿا ۽ اهي ان جي ڪُلي سچائي پيش ڪرڻ کان قاصر آهن. تنهن ڪري انهن مان ڪوبہ نظريو مڪمل طور تي ڪڏهن قابل قبول نہ رهيو آهي. مابعد الطبيعات جي نڪتہِ نظر کان حُسن کي حُسنِ مطلق جو پرتوَ چيو ويجي ٿو. موضوعي نظرئي موجب، حُسن، نفسياتي ڪيفيت ۽ ذهني عمل جو وجداني نتيجو آهي. جڏهن تہ معروضي خيال کان حُسن بذاتِ خود شين ۾ موجود ٿئي ٿو، پر ڇا حُسن کي صرف حِظُ، مسرت، خير ۽ صداقت چوڻ سان يا ان کي حُسنِ مطلق جو عڪس قرار ڏئي، باذوق نظر سان ڏسڻ جو شرط لاڳو ڪجي تہ، حُسن جي تعريف ٿي ويجي ٿي؟ نہ ڪڏهن بہ نہ.

جيڪڏهن اهو ڪٿي قبول بہ ڪجي، تہ حُسن، ذاتِ الاهيءَ جو نور آهي. ڪائنات ۾ موجود ساريون شيون پنهنجي وجودي ۽ وصفي جوهر ۾ حسين آهن، تہ پوءِ هڪ حسين شيءِ سڀنيءَ کي ڇونہ ٿي موهي ۽ متاثر ڪري؟ سونهن لاءِ ماڻهن جا معيار مختلف ڇو ٿا ٿين؟ ڪائي شيءِ هڪ لاءِ انتهائي خوبصورت تہ اها ئي ڪنهن ٻئي لاءِ معمولي ڇو هوندي آهي؟ انهن سوالن جو هڪڙو جواب حُسن جي موضوعي نظرئي جي حامين جي زباني هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ:

"The recognition of beauty is an individual and personal experience and it means high pleasure...What is beautiful to one may be ugly or without meaning to another(60)."

ڇو تہ حُسن جو احساس، دل جي دنيا ۽ اندر جي انفرادي ڪيفيتن سان واڳيل ٿئي ٿو، پر ڇا حُسن فقط داخلي ۽ وجداني ڪيفيتن ۾ مقيد آهي يا سونهن جو ڪوئي مظهر خارجي طور تي بہ موجود آهي؟ ”جيڪڏهن حُسن محض معروضي آهي، تہ پوءِ اهو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



ڪهڙو سبب آهي، جو هڪ ئي قدرتي شيءِ ڪڏهن غير معمولي حسين ٿي لڳي، تہ ڪڏهن معمولي ۽ جيڪڏهن اها فقط اسان جي پنهنجي ڪائي فطري صفت يا ڪوئي اندروني عمل آهي، تہ پوءِ اسين عام انساني حيثيت سان حُسن کي بجاءِ پنهنجي اندر ۾ ڏسڻ جي، شين ۾ پسڻ ۽ پائڻ جي ڪوشش ڇو ڪندا آهيون؟“(٦١)

هِچسن ۽ ڪيمز حُسن کي فقط شين جي صفت نہ ٿا سمجهن، پر هو ان کي ڏسندڙ جي حِس، ذوق ۽ جمالياتي ادراڪ سان وابستا بہ سمجهن ٿا. هن نظرئي جي پيروڪارن ۾ شلر، وِسي، هارٽ، اليگزينڊر ۽ اسٽيس جا نالا شامل آهن.

### جماليات جي اوسر ۽ مختصر تاريخ:

انسان تهذيبي دائري ۾ اڃا پوريءَ طرح داخل بہ نہ ٿيو هو، تہ هن کي خير ۽ شر، صحيح ۽ غلط، حُسن ۽ قبح جي مختلف مامرن ۽ معيارن تي سوچڻو ۽ ويچارڻو پيو. انهن ٽنهي مان سڀ کان پهريان ۽ سڀ کان وڌيڪ توجهہ جو مرڪز تہ غالباً خير ۽ شر جا مسئلا رهيا، پر صحيح ۽ غلط، حُسن ۽ قبح جي مسئلن طرف بہ ترت ئي هُن توجهہ ڏنو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ انسان جي عملي ضرورتن ان کي اخلاقي، سياسي ۽ طبيعاتي مسئلن ۽ مامرن طرف وڌيڪ متوجهہ ڪيو، پر حُسن ۽ صداقت جا مسئلا بہ اهڙا نہ هئا، جن کان انسان گهڻي وقت تائين ڪَنَ لاٽار ڪري پئي سگهيو. حُسن ۽ جمال جي مسئلن کي باقاعده هڪ علمي حيثيت تہ تمام گهڻو پوءِ حاصل ٿي، پر انهن تي مفڪرن پنهجن خيالن جو اظهار تهذيب ۽ تمدن جي ابتدائي دؤر ۾ ئي شروع ڪري ڇڏيو هو. فنونِ لطيفہ جي ترقيءَ سان اهي مسئلا وڌيڪ زيرِبحث آيا ۽ يونانين انهن کي علمي طور تي پيش ڪيو، پر اهي انهن کي هڪ علم جو درجو ڏئي نہ سگهيا. ارڙهين صديءَ ۾ هڪ جرمن مفڪر بام گارٽن (١٧٦٢ـ ١٧١٤) پهريون پيرو انهن مسئلن لاءِ هڪ الڳ نالو تجويز ڪيو ۽ هُن پنهنجي ڪتاب ”AESTHETICA“ ۾ انهن مسئلن کي پيش ڪيو ۽ ائين ان علم جو نالو ”AESTHETICA“ مروج ٿي ويو.“(٦٢)

بام گارٽن اهو پهريون مفڪر آهي، جنهن فلسفِ حُسن لاءِ ١٧٥٠ع ڌاري ”AESTHETICA“ لفظ استعمال ڪيو، جيڪو بنيادي طور تي يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن مان اڳتي هلي ”AESTHETICS“ لفظ جنم ورتو، جيڪو جماليات جي مفهوم طور اڄ تائين مروج آهي، انهيءَ ڪري بام گارٽن کي جماليات جو ”باباءِ آدم“ چيو ويجي ٿو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ بام گارٽن جي متعارف ڪرايل لفظ ”AESTHETICS“ (جماليات) دنيا ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي، پر جيتري تائين ان جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظرئي جي اهميت ۽ افاديت جو تعلق آهي، تہ ان حوالي سان پروفيسر سعيد احمد رفيق پنهنجو اختلافي رايو ڏيندي پنهنجي ڪتاب، "حقيقتِ حُسن" ۾ لکي ٿو: "اهو بنيادي طور تي لائبنز ۽ والف جي نظرين تي مشتمل آهي، تنهن ڪري ان ۾ نہ ڪائي خاص گهرائي ۽ گيرائي آهي، نہ ئي ڪائي نواڻ... پر ان جي برعڪس ڪانٽ ان کي باقاعده هڪ علمي درجو عطا ڪيو. حقيقت ۾ ان علم ١٩ صديءَ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي."[٦٣]

"جماليات جي فڪر ۽ فلسفي طويل عرصي کان مفڪرن ۽ دانشورن کي پاڻ ڏانهن متوجه پئي ڪيو آهي. يونان ۾ سقراط، افلاطون ۽ ارسطو جمالياتي مسئلن تي سير حاصل بحث ڪيو آهي. قرونِ وسطيٰ ۽ نشاة الثانيہ جي دؤر ۾ توڙي جو جمالياتي مسئلن تي ايترو ججهو مواد نہ ٿو ملي، پر سينٽ اگسٽائن سينٽ ٿامس اڪيونس ۽ ڊانتي وغيره جي تحريرن ۾ انهن مسئلن کي زيرِ بحث آندو ويو آهي. جديد دؤر ۾ بام گارٽن کان پهريان فرانس ۾ ڊيڪارٽ، هالينڊ ۾ اسپينوزا، انگلستان ۾ فرانس بيڪن، هابز، لاڪ ۽ جرمنيءَ ۾ لائب نيز ۽ والف ۽ اطاليہ ۾ وڪو وغيره ان مسئلن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏسجي، تہ هن علم کي هڪ خاص نالو تہ ١٨ صديءَ ۾ ڏنو ويو، پر اهو پنهنجي نالي جي پيٽ ۾ تمام گهڻو قديم آهي."[٦٤]

انسان پنهنجي عقل ۽ فهم، ادراڪ ۽ احساس جي آڌار تي جيڪا اوسر ۽ ترقي ڪئي آهي، اها ڌرتيءَ تي موجود ٻي جاندار مخلوق جي پيٽ ۾ سچ تہ نرالي ۽ انفرادي نوع جي آهي. ان جو هڪ سبب اهو آهي، تہ انسان پنهنجي فطري جوهر ۾ تخليقي ۽ تعميري هجڻ سان گڏوگڏ حساس ۽ حُسن پسند بہ آهي، تہ تهذيب ۽ تمدن جو امين بہ.

"جانورن جو حياتياتي عمل ئي انهن جي ڪُل زندگي هوندو آهي. اهي پنهنجي ذات ۽ زندگيءَ جي عمل ۾ ڪوئي فرق نہ ڪري سگهندا آهن، يعني انهن جو ڪم فقط پنهنجي جسماني وجود کي برقرار رکڻ ۽ ڪاڌي ڪائڻ تائين محدود هوندو آهي. جڏهن تہ ڪاڌو ڪائڻ ۽ وجود کي برقرار رکڻ انسان جي حياتياتي عمل جو صرف هڪ جزو آهي. انسان جي امتيازي خصوصيت باشعور حياتياتي عمل ۽ ان عمل سان فطرت جي پهلو بہ پهلو هڪ نئين معروضي دنيا تخليق ڪرڻ آهي."[٦٥]

انسان جي اها تخليقي فعاليت، حُسن پسندي ۽ حُسن شناسي ئي آهي، جنهن کي "فنونِ لطيف" چئجي ٿو. انسان جي ٺاهيل هر اها شيءِ جيڪا حسين آهي، ان جو ڪو مادي (هُنراڻو، افادي) يا غير مادي (جمالياتي) ڪارج آهي، سا انسان جي فني يا تخليقي





پيداوار چوائي ٿي. انسان جي ابتدائي تاريخ ۾ سندس جمالياتي ۽ تخليقي سرگرمين جي حوالي سان جيڪي آثار ۽ اهڃاڻ ملن ٿا، انهن ۾ عمارت سازي، مجسما سازي، مصوري، موسيقي، رقص، شاعري ۽ ٻيا اهڙا جمالياتي/ افادي فن شامل آهن، جيڪي انسان جي فڪري ۽ تخليقي سرگرميءَ جو جمالياتي/ فني نتيجو آهن.

"فنِ لطيف، فطرت (انساني فڪر ۽ فن) جي حُسن جي پيدائش آهن. انسان جا تصورات ۽ حسي قوتون، جڏهن ڪنهن فطرت جي جوبن ۽ جمال، قدرت ۽ ڪمال کان متاثر ٿين ٿيون، تنهن وقت انسان جي حساس طبع، سندس ذهن ۾، ان خوبصورت شيءِ جي حُسن ۽ نزاڪت جي خوبي بيان ڪرڻ ۽ اندر مان ان جذبي کي اظهار ڪرڻ جو هڪ نرمل جذبو اُڀاري ٿي، جيڪو ڪڏهن اسان جي اڳيان نغمي جي ندرت، ناچ ۽ راڳ جي رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿو، تہ ڪڏهن ساز ۽ سرور جي سوز، ناٽڪ جي نرتڪ، چٽسالي ۽ چترڪاريءَ جي روپ ۾ پڌرو ٿئي ٿو. تہ ڪڏهن اهي وري بت تراشي، مورت نگاري، ادب، فلسفي ۽ عمارت سازيءَ جي صورت ۾ پنهنجا حسين جلوا پَسائين ٿا."[٦٦]

انسان جي فڪري ۽ سماجياتي تاريخ تي جڏهن نظر وجهجي ٿي، تڏهن معلوم ٿئي ٿو، تہ انسان پنهنجي حسي ماحول جي آشنائيءَ بعد ترت ئي عالمِ موجودات جي شعور کان آشنا ۽ متاثر ٿيو ۽ ابتدائي طور هُن ان ئي اثرن هيٺ افادي ۽ مادي هنرن جي تخليق ڪئي، جيڪي اڳتي هلي انساني شعور جي پختگي ۽ فن جي ادراڪ ۽ وجداني عمل جي نتيجي ۾ جمالياتي فن بڻيا آهن. ٻين لفظن ۾ انسان جي ابتدائي تخليقي سرگرمي هُنري ۽ افادي فنَ آهن، جنهن جا آثار انسان جي پراڻي پٿر واري زماني کان ملن ٿا.

اينٿروپالاجسٽ سڀ کان اوائلي انسان کي هومو ايرڪٽس (Homo Erectus) سڏن ٿا، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو، تہ اهو اڄ کان پنج لک سال اڳ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ موجود هو ۽ هن کي باهہ ٻارڻ، جانور شڪار ڪرڻ ۽ پٿر کي اوزار طور استعمال ڪرڻ جو هنر ۽ شعور هو. هومو ايرڪٽس کان پوءِ نينڊر ٿال (Nenderthal) اهم انساني نسل آهي. نينڊرٿالن جي نسبت ڪروميگنن (Cro megnon) ماڻهو وڌيڪ سڌريل، مذهبي عقيدو رکندڙ ۽ فنڪار هئا. هو ساز ٺاهيندڙ، پاڻ کي زيورن سان سينگاريندڙ، واپار ۽ زراعت سان رغبت رکندڙ هئا.

"ڪروميگنن ماڻهن جي سڀ کان وڏي حاصلات انهن جو آرٽ هو.... آرٽ ۾ هر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اها شاخ موجود هئي، جيڪا ان وقت مادي ثقافت ۾ ممڪن هئي. مجسم سازي، مصوري، اُکر ۽ قلم ڪاري مختلف صورتن ۾ موجود هئا. مصوري هنن وٽ فن جي انتهائن تي پهتل هئي. هنن جي رنگن جي استعمال جي ساڃاهه ۽ فطرت جي اظهار جي ڏات ڪنهن حد تائين جمالياتي حُسن جو مظهر هئي...ڪروميگنن ماڻهوءَ جي سهڻي ليڪ، متوازن شڪل ۽ شوخ رنگن ۾ دلچسپي مان ظاهر ٿئي ٿو، ته آرٽ هن جي سنجيده مشغولي هئي. ان سڄي معاملي جو اصل مقصد، بظاهر احساس جي خوشي نه هئي، پر ان جو مقصد ڪاڏي جي ڪم ايندڙ جانورن جي رسد کي وڌائي بقا لاءِ جدوجهد کي سولو ڪرڻ هو."[٦٧]

نيوليٿڪ ۽ ان کان پوءِ جي ماڻهن ڀيڙا ۽ ٽُرها ٺاهيا. هنن سُٽ ڪتڻ، ڏاڳو وٽڻ، ڪنيارڪا ٿانو ۽ ڪپڙو ٺاهڻ جي هنر کي اڳتي وڌايو. سون ۽ ٽامي جي ڪجهه شين کان علاوه هنن هَرُ ۽ ٻيا زرعي اوزار پڻ ايجاد ڪيا، جن اڳتي هلي انسان جي سماجي زندگيءَ ۾ ڪوڙ سُکَ ۽ سهنجائيون پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ فڪر ۽ فن جي دنيا لاءِ انيڪ خوبصورتيون پڻ پيدا ڪيون.

"سميري هاري ۽ عمارت ساز هئا. هنن لکت جو فن ايجاد ڪيو، جيڪو مٽيءَ جي تختين تي نشانيون ڪڍڻ سان شروع ٿيو...عمارت سازيءَ ۾ ونگ ٺاهڻ جي ايجاد سميرين جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي...هنن اهڙو ادب ڏنو، جنهن دنيا جي تهذيبن تي دائمي اثر ڇڏيا. انهن پنهنجن ديوتائن لاءِ جيڪي گيت ٺاهيا، سي وچ اوڀر جو ادبي ورثو بڻيا. انجيل جا ڪوڙ گيت سميرين جي نموني تي آهن."[٦٨]

"مصرين پٿر مان اڏاوت ڪرڻ ۾ وڏي مهارت تي رکي ۽ سندن سنگتراش توڙي انجنيئر وڏ خياليءَ کي پسند ڪندا هئا. عظيم اهرام ۽ سفنگڪس (ڏند ڪٿائي بلا) وڏين عمارتن ٺاهڻ جو مصري شوق ظاهر ڪن ٿا."[٦٩]

مصري مذهب طرف گهڻو راغب هئا، ان ڪري سندن ابتدائي ڪتاب مذهب جي باري ۾ آهن. مصرين جو فنون لطيفه سان واسطو سندن مذهبي عقيدت ۽ ان سان وابسته ڏند ڪٿائن تي مشتمل هو. هنن پنو (پيپر) ايجاد ڪرڻ کان علاوه حسابن ۽ دوا سازيءَ ۾ پڻ خوب نالو ڪمايو. سنگتراشي ۽ عمارت سازي دنيا ۾ سندن فني سڃاڻپ بڻي.

قديم يونانين وٽ ٿانون تي چٽسالي ۽ تصويري اُکر جو خوبصورت فن مليو ٿو. هنن بلند ۽ خوبصورت عبادت گاهن اڏڻ کان علاوه ديوين ۽ ديوتائن جي مجسما سازي





ڪئي، جيڪا فن جو نادر نمونو هجڻ سان گڏوگڏ انساني جسم جي سونهن ۽ سندرتا جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي. يونانين وٽ فنِ مصوري جي پوئين دؤر، جنهن کي (Hellenistic) دؤر چئجي ٿو، تنهن ۾، مجسما سازيءَ جي فن ايتري ترقي ڪئي، جو پٿر مان تراشيل مجسما جيئري جاڳندي زندگيءَ جو احساس ڏيڻ لڳا.

فاخر حسين پنهنجي ڪتاب، 'مضامينِ جماليات' ۾ لکي ٿو: "انساني جسم جي حُسن جي پرستش سبب قديم يونانين جي دنيا آهستي آهستي حسين، سُبڪ ۽ متناسب مجسمن سان معمور ٿيندي وئي. اهو رجحان انهن کان پوءِ رومين ۾ رومي تهذيب جي عروج جي زماني تائين قائم رهيو. رومين فنونِ لطيفه ۾ يونانين جا اثر ضرور ورتا، پر ان ۾ پنهنجي جدت طرازي ۽ طرزِ زندگيءَ سبب اضافو به ڪيو...هنن جي فنِ تعمير ۽ شاهي عمارتن مِلي سِلي روم کي اها وقعت عطا ڪئي، جيڪا 'وقارِ روم' جي نالي سان اڄ تائين ياد ڪئي وڃي ٿي."[٧٠]

رومين جي سياسي توڙي سماجي زندگيءَ تي مذهبي رنگ غالب هو. هنن پنهنجي عبادت گاهن کي حسين بنائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. سندن فنِ عمارت سازيءَ جي شاهڪار طور ڪولو سيم (colloseum) ۽ پينٿي اون ٽيمپل (pantheon temple) جا آثار دنيا ۾ اڄ به مشهور ۽ موجود آهن.

هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي تهذيبن ۾ علم ۽ دانش، مجسما سازي، رقص، آرائش ۽ زيبائش، تعليمي درسگاهن، واپار، منظم شهري سرشتو ۽ نقش نگاريءَ جا فن پنهنجي فني معراج تي نظر اچن ٿا. هتان جي فنڪارن مُهرن تي نقش نگاري، ٻارن لاءِ انسان، جانورن ۽ پکين جي شڪل ۽ صورت جهڙا رانديڪا ٺاهيا ۽ سنگ تراشن جيڪي پروهت ۽ رقاصا جا مجسما تراشيا آهن، اهي مجسما سازيءَ جي فن جو شاندار مثال آهن.

جمنا داس اختر چواڻي، "اهي مجسما ان ڳالهه جو ثبوت آهن، ته پنج هزار سال پهريان برِصغير ۾ رقص ۽ سرود جون محفلون منعقد ٿينديون هيون ۽ اهڙن مجسمن کي گهر جي زينت بنائڻ معيوب نه سمجهيو ويندو هو ۽ رقص زندگيءَ جو حصو هو."[٧١] جنهن جو وڏو ثبوت موهن جي دڙي مان ملندڙ ناچڻيءَ جي مورتي آهي. هنن وٽ توڙي جو شاهي محلاتون ۽ سلطاني شان ۽ شوڪت وارو نمائشي ڪلچر ڪونه ٿو ملي، جيڪو اڪثر آڳاٽين تهذيبن ۾ نظر اچي ٿو، پر ان جي برعڪس هو آرٽ ۽ ٻولي ڏانهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڏيڪ سنجيده رويو رکندڙ هئا. هنن جا صاف سترا، هوادار پڪا گهر، ڪشاديون گهٽيون، پاڻي جي نيڪال جو نظام، واپار، علم ۽ ٻولي ڏانهن لاڙو سندن مهذب، خوشحال ۽ خوبصورت زندگي گذارڻ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

”هڪ هزار قبلِ مسيح ۾ چين ۾ پٽل جي ٿانون تي فنڪارانہ ڪم جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ ان ئي دؤر ۾ ڪاٺيءَ تي نقش نگاري ڪرڻ ڪان علاوه ان تي رنگ لڳائي ڇپائيءَ جو طريقو پڻ ايجاد ڪيو ويو هو...ان مخصوص دستڪاري يعني ڪاٺيءَ تي نقش ڪڍي، ان تي رنگ هڻي گُلڪاري ٺاهڻ جا نمونا ارڙهين صديءَ ۾ پيرس پهتا، تہ اتان جي اعليٰ فرانسيسي مصورن ان جو تمام گهڻو اثر ورتو.“[۴۲]

”شروعاتي زماني ۾ ۽ غالباً شين ڪي تراشڻ ۽ مقبرن ٺاهڻ ڪان گهڻو پهريان انسان فطرتي تناسب ۾ خوشي محسوس ڪئي. جانورن جي آوازن، پکين جي ٻولن ۽ پنهنجي بدلجندڙ ڪيفيتن ڪي گيتن ۽ رقص ۾ سمائيو. شايد جانورن جيان هن ڳالهائڻ ڪان پهريان ڳايو ۽ رقص ڪيو هوندو.... آرٽ حقيقت ۾ ان وقت جنم وٺندو آهي، جڏهن انسان شين ڪي خوبصورت بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. “[۴۳]

اها شين ڪي خوبصورت بنائڻ جي ڪوشش عمارت سازي ۽ چٽساليءَ ڪان پوءِ فنونِ لطيفہ ۾ مذهبي رجحانن جي دؤر سان شروع ٿئي ٿي. جنهن ۾، ”ٽين صدي قبلِ مسيح ڌاري هندستان ۾ ٻُڌمت جي پهرئين بادشاهہ اشوڪ مختلف جاين تي بورڊ لڳرائي، انهن ذريعي مهاتما ٻُڌ جي مذهبي تعليمات ڪي ماڻهن اڳيان عيان ڪيو...ٻي ۽ ستين صدي قبلِ مسيح ۾ اجنتا ۽ الورا جي غارن ڪي ٽُڪي ان ۾ ٻُڌ جا مجسما ۽ ان سان وابستہ جنمن جون تصويرون سجايون ويون...يارهين صدي عيسوي ۾ ڪاجو رايو جا مندر جوڙائي دستڪاري ڪي عبادت سان وڏيڪ وابستہ ڪيو ويو...پندرهين صديءَ ۾ ليوناردو ڊاونچي حضرت عيسيٰ جي آخري طعام واري تصوير ٺاهي ۽ ان بعد موناليزا جي مُرڪندڙ شبيهہ واري تصوير پڻ تخليق ڪيائين. سورهين صديءَ ۾ مائيڪل اينجلو اٽلي جي هڪ ڪليسا (Sistine chapel) ڪي مصورانا تصويرن سان سينگاريو... ابتدا ۾ يهودي مذهب جيان اسلام ۾ بہ انساني صورت جي تصويرڪشي ممنوع هئي. ائين صديءَ ڪان مسلمان مصورن رنگن ۽ لڪيرن جي مدد سان دل پذير گل ٻوٽا ۽ تجريدي خاڪا ٺاهڻ شروع ڪيا. هنن ان هنرمنديءَ ڪي قالين ٺاهڻ، قرآن پاڪ جي خطاطي ۽ ٻين تاريخي ڪارنامن سان سلهاڙي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،





جنهن ۾ آهستي آهستي انساني شبيهون پڻ نروار ٿيڻ لڳيون، جيڪو ٻارهين تيرهين صديءَ تائين اسلامي فنِ مصوري جو مخصوص اسلوب بڻجي ويو.“[۴۴]

استنبول مسجد، الحمره محل، تاج محل ۽ ٻيا اهڙا انيڪ مسلمان بادشاهن جا مقبرا ۽ عبادت گاهون ان جو ثبوت آهن، جيڪي هڪ طرف عمارت سازي جي لحاظ ڪان مثالي آهن، تہ ٻئي طرف مصوري ۽ نقش ڪشيءَ جي خيال ڪان فن جو هڪ شاهڪار ٿيون لڳن.

چوڏهين صديءَ ڌاري نئين سجاڳي (Renaissance) جي نالي شروع ٿيل تحريڪ فنونِ لطيفہ جي دنيا ۾ هڪ انقلاب برپا ڪيو. ان نئين آيل فڪري لهر سان، نہ صرف زندگي جا روايتي طور طريقا تبديل ٿيا، پر ادب ۽ فن جي دنيا جا ماڻ ۽ ماپا ئي بدلجي ويا. مذهبي عقيدن بدران دل جي احساس ۽ عقلي استدلال ڪي اوليت ملي. فڪر ۽ فنڪارانہ تخيل گڏجي تخليق جي دنيا ڪي هڪ انوکي سونهن ۽ صداقت عطا ڪئي. فنڪارن پنهنجي تخليقن ۾ حقيقت ۽ حُسن جا اهڙا رنگ پرٽيا، جو ڏسڻ واري انهن ڪي ڏسي، پنهنجو پاڻ ڪي ان تصوير ۾ ڄڻ تہ موجود ٿي محسوس ڪيو. مختلف رنگن جي استعمال سان مختلف احساسن، ڪيفيتن، خيالن ۽ خوبصورتين ڪي اظهاريو ويو.

فن ۾ مختلف فڪري لاڙن جي رجحانن جنم ورتو، جن مان تاثريت (Impressionism)، رومانيت (Romantism)، ڪلاسيڪيت (Classicism)، حقيقيت پسندي (Realism)، مابعد تاثريت (Post impressionism)، مڪعبيت (Cubism)، تجريديت (Abstractism)، علامتيت (Symbolism)، اظهاريت (Expressionism)، ڊاڊ ازم (Dadism)، سريئلزم (Surrealism)، ماڊرن ازم (Modernism)، پوسٽ ماڊرن ازم (Post Modernism) وغيره قابلِ ذڪر آهن. فن ۽ اظهار جي انهن ذريعن نہ صرف زندگيءَ جي عڪس ۽ احساس ڪي پيش ڪيو، پر اهي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي ترقي ۽ ترويج ۾ پڻ تمام گهڻو معاون رهيا.

”لطيف ۽ اعليٰ پايي جا فن، انسان لاءِ خوشيون ۽ خوبصورتيون پيدا ڪندا آهن، جڏهن تہ غير لطيف ۽ گهٽ درجي وارا فن، انسان جي ضرورتن جو پورائو ڪندا آهن. فن جي هڪ قِسم مان انسان جي ذهني ارتقا جو اندازو ٿئي ٿو، تہ ٻئي مان ان جي جسماني ۽ مادي ترقيءَ جي خبر پوي ٿي...اعليٰ فنن ۾ اهي فن شامل آهن، جيڪي پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ گهٽ ڪان گهٽ مادي ذريعا استعمال ۾ آڻيندا آهن، جڏهن تہ ادنيٰ فنن جو وجود ئي مادي ذريعن تي مداريل هوندو آهي.“[۴۵] ان لحاظ ڪان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاعري، مصوري، سنگ تراشي، رقص ۽ موسيقيءَ جو شمار اعليٰ فنن ۾ ٿئي ٿو، ڇو ته اهي نه رڳو انسان کي سڪون ۽ حِظ بخشين ٿا، پر اهي پنهنجي فني، فڪري ۽ تخليقي سگهه سان، انسان کي جمالياتي حُسن جا جلوا پڻ پَسائين ٿا.

مٿي پاڻ انسان جي افادي ۽ جمالياتي ڪارج واري تخليقي ۽ عملي سرگرمين يعني فنونِ لطيفه جي انهن عيني ۽ سمعي پهلوئن سان وابسته فنن، جن ۾ سنگ تراشي، فنِ تعمير، مصوري، شاعري، نقاشي، رقص ۽ موسيقي وغيره شامل آهن، جو مختصر ذڪر تخليقي ۽ تاريخي اوسر جي حوالي سان ڪري آيا آهيون، هاڻي پاڻ مختلف مفڪرن جي راين جي روشنيءَ ۾ فنونِ لطيفه جي فڪري ۽ جمالياتي پهلوئن تي ڳالهائينداسين، جنهن سان نه صرف جماليات جي فڪري ۽ فني تاريخ عيان ٿي سامهون ايندي، پر ان سان گڏوگڏ فنونِ لطيفه جي جمالياتي قدرن جو عڪس پڻ پڌرو ٿيندو.

"يونانين ۾ افلاطون اهو پهريون مفڪر آهي، جنهن فن ۽ حُسن تي باقاعده علمي بحث ڪيو. توڙي جو هن جي ان موضوعن تي ڪائي الڳ تصنيف موجود ڪانه آهي، پر هن جي مختلف مڪالمن ۾ جماليات جي انهن ٻنهي موضوعن تي تفصيلي بحث ملي ٿو.... افلاطون کان پهريان ان موضوعن تي اشارتاً ته ڪافي مواد ملي ٿو، پر مفصل نظرياتي بحث نظر نه ٿو اچي. ان جو وڏو سبب اهو آهي، ته سقراط کان اڳ جي اڪثر مفڪرن جو توجهه طبيعياتي ۽ ڪجهه حد تائين مابعد طبيعياتي مسئلن طرف رهيو. سقراط اهو عظيم مفڪر آهي، جنهن فلسفي جو رخ عمراني ۽ نفسياتي مسئلن طرف موڙيو."[٤٦]

سقراط کان اڳ ارستوفينس، جورجيس، زينوفينس ۽ انڪسا گورس وٽ حُسن ۽ فن جي موضوعن تي ٿورو گهڻو بحث ملي ٿو. جنهن موجب زينوفينس شاعريءَ کي اخلاقي نڪتئه نظر سان پرکي ٿو. انڪسا گورس ۽ جورجيس جي خيال ۾ شاعري اخلاقي، علمي ۽ احساساتي صداقتن جو تمثيلي ۽ مجازي اظهار آهي. جڏهن ته ارستوفينس شاعري ۽ فن کي تعليم ۽ تربيت جو ذريعو قرار ڏئي ٿو. افلاطون لاءِ عام تاثر اهو آهي، ته هو شاعراڻي فن جي عظمت جو انڪاري آهي ۽ شاعريءَ کي صرف نقالي سمجهي ٿو، پر ان جي باوجود هو شاعريءَ کي اعليٰ رتبي وارو ۽ خدائي پيغام قبول ڪري ٿو.

"افلاطون ۽ شاعريءَ جو رشتو عجيب متضاد رشتو آهي. هڪ طرف هو ڪوڙ دليلن ۽ دعوائن کان پوءِ شاعرن کي پنهنجي رياست مان ڪڍي ٻاهر ڪري ٿو، ته ٻئي





طرف سندس مڪالمن ۾ اسلوب، دليل، طرزِ بيان ۽ تشبيهون سڀ اهڙو شاعرانه رنگ رکن ٿيون، جو ارسطو انهن کي آزاد شاعريءَ ۾ شمار ڪري ٿو."[٤٧]

افلاطون جي نظر ۾ شاعري، شاعرن جو فني ۽ شعوري ڪارنامو نه، پر اهو قدرتي فيض ۽ الهامي آواز آهي، جيڪو شاعرن تي جڏهن لهندو آهي، تڏهن هو ڪجهه تخليق ڪري سگهندا آهن. هو پنهنجي مڪالمي، 'فيدروس' ۾ جذب ۽ مستيءَ جا چار قسم (i)پيغمبري (ii)القا (iii)شاعري ۽ (v)عشق، ٻُڌائيندي چوي ٿو: "شاعر پنهنجي فن جي بدولت شاعري ڪونه سرجيندا آهن، پر انهن تي ديوين جو سايو هوندو آهي، جيڪي انهن کي لکڻ تي هِرڪائينديون آهن...خدا شاعرن کان انهن جو ذهن کسي انهن کي پيغمبرن ۽ اوليائن جيان وجدان عطا ڪندو آهي ۽ ڪانئن اهو چوائيندو آهي، جيڪو هو چاهيندو آهي. انهن جي اعليٰ اظهار ۾ خدا بذاتِ خود متڪلم هوندو آهي."[٤٨]

افلاطون فنونِ لطيفه کي اخلاقي، تعليمي ۽ عيني معيارن تي پرکي ٿو، انهي ڪري شاعرن ۽ فنڪارن مان ٻه اها توقع ڪري ٿو، ته اهي پنهنجي تحريرن ۽ تخليقن ۾ اعليٰ اخلاقي قدرن جي اپٽار ڪن. نوجوانن جي جذبن کي پڙڪائڻ بدران انهن کي صبر، نظم ۽ ضبط جو درس ڏين. شاعرن کي گهرجي ته هو رڳو خيالي ابهام ۽ خواهشن جي تسڪين جو اظهار نه ڪن، پر ماڻهن کي جذبن تي قابو پائڻ ۽ نفس تي ضبط رکڻ جو سليقو پڻ سيکارن.

افلاطون وٽ فن جي حوالي سان ٻه نڪتهِ نظر ملن ٿا. 'فيدروس ۽ سمپوزيم' ۾ هو اعليٰ شاعري جي فني ۽ جمالياتي قدرن تي بحث ڪري ٿو، جڏهن ته 'رياست' ۾ هن جا خيال ۽ احساس اصولي، تعليمي، انتظامي ۽ اخلاقي نڪتئه نظر رکندڙ آهن. هتي شاعري ۽ ٻين فنن تي فنونِ لطيفه جي حيثيت ۾ بحث نه ٿو ڪري، پر هو انهن کي اصلاح ۽ اخلاق جو ذريعو سمجهي ٿو. جيئن ته شاعرن جي اڏام جو آڪاش وسيع ۽ آزاد ٿئي ٿو ۽ هو پنهنجي دل جي دنيا جا پاڻ سلطان ٿين ٿا. هنن کي پابنديون گهٽ آئڙنديون آهن. انهي ڪري افلاطون پنهنجي مثالي 'رياست' ۾ ڪين ڪو ڪردار ڏيڻ کان معذرت ڪري ٿو، ڇو ته پنهنجي مثالي رياست ۾، "افلاطون فنونِ لطيفه لاءِ صداقت ۽ حقيقت کي هڪ بنيادي صفت قرار ڏئي ٿو ۽ ڪنهن شاعر ۽ قصه گو کي ان ڳالهه جي اجازت نه ٿو ڏئي، ته هو ڪائي اهڙي شيءَ پيش ڪري، جنهن جو بنياد صداقت تي مبني



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نہ هجي. هو هومر تي انهيءَ نڪتہِ نظر سان تنقيد ڪري ٿو، تہ هو ڪڏهن خدا ڪي شر جي علت قرار ڏئي ٿو، تہ ڪڏهن وري ديوتائن ڪي ويس بدلائي سير ڪرائيندي ڏيکاري ٿو. اهو سڀ ڪجهہ حقيقت جي بر عڪس آهي، ڇو تہ نہ خدا شر جي علت آهي ۽ نہ ديوتا ويس بدلائي ٻين ڪي دوکو ڏيندا آهن.“(٧٩)

افلاطون وٽ شاعري تخليقي فن ۽ جمال کان وڌيڪ تبليغي ۽ تعليمي درس جو ذريعو آهي، ان ڪري حُسن ۽ فن، مذهب ۽ اخلاق جي تابع بڻجي وڃن ٿا. جڏهن تہ اڳتي هلي افلاطون جي شاگرد ارسطو فنونِ لطيفہ ڪي مذهب ۽ اخلاق جي اجائي پابندين کان گهڻي حد تائين آزاد ڪرايو. ان کان علاوه افلاطون جي نظر ۾ فنونِ لطيفہ، جيڪي صرف نقل جو نقل هئا ۽ حقيقت جي نسبت انهن جي ڪائي وقعت ڪانہ هئي، تن ڪي ارسطو نہ فقط نقل قرار ڏنو، پر ان نقل ڪي انسان جي تعليم جو ذريعو ۽ فطري سبب ڪوٺيندي چيائين: ”نقل شاعر ڪي شاعر بڻائي ٿو...۽ شاعري لفظن جي ذريعي هن دنيا جي انسانن جي ڪارگذاريءَ جو نقل (عڪس) پيش ڪري ٿي.“(٨٠)

ارسطو جي راءِ موجب شاعري جي ابتدا ٻن فطري سببن نقل ۽ موزونيت سان ٿئي ٿي ۽ انسان جبلتي طور تي نقل مان حظ ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو. ارسطو نقل لفظ ڪي انتهائي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو، جنهن مان سندس مطلب تعميري ۽ تخليقي عمل آهي. افلاطون شاعري ۾ جذباتي اپٽار ۽ آزاد خيالي اڏامر هجڻ سبب ان ڪي اجايو سمجهي ٿو، پر ارسطو ان ڪي تاريخ کان وڌيڪ حڪمت آميز سمجهڻ کان علاوه تزڪيہ جذبات جو ذريعو ۽ اخلاقي اهميت جو حامل قرار ڏئي ٿو.

عام يونانين کان وٺي تخليقڪارن ۽ فلسفين تائين سينيءَ لاءِ حُسن هڪ اعليٰ قدر ۽ قدر بالذات هو. هنن لاءِ حُسن، صداقت ۽ خير هڪ ئي حقيقت جا مختلف روپ هئا. هو حُسن جا مداح ۽ پرستار هئا، پر حُسن جي ماهيت ۽ نظرياتي صداقت کان منطقي ۽ علمي طور تي ايڏو باخبر نہ هئا. افلاطون، ارسطو ۽ سقراط حُسن بابت نظرياتي ۽ فڪري بحث ڇيڙي اهلِ يونان ۽ دنيا ڪي فنونِ لطيفہ بابت فڪري ۽ فلسفياڻي آگاهي ڏني.

ارسطو توڙي جو افلاطون جو شاگرد هو، پر حقيقت پسند هجڻ ۽ سائنسي سوچ رکڻ ڪري پنهنجي استاد کان مختلف ۽ منفرد هو. افلاطون جي جمالياتي فلسفي تي تصوف ۽ مافوق





الطبيعات جي فڪر جا گهرا اثر نظر اچن ٿا. جڏهن تہ ارسطو حُسن ۽ فن بابت تخليقي ۽ سائنسي نڪتئہ نظر رکندڙ هو. هن جي خيال ۾، ”حُسن پنهنجي مڪمل صورت ۾ هڪ شيءِ ۾ نہ ٿو ملي. اهو جزوي طور تي هر جاءِ تي موجود آهي، پر ان ڪي پسڻ ۽ پائڻ لاءِ فقط ادراڪ ڪافي نہ آهي. فنڪار صرف ادراڪ جي ذريعي حُسن ڪي ماڻي ۽ پيش ڪري نہ ٿو سگهي، ان لاءِ گهري نظر ۽ بصيرت درڪار آهي.“(٨١)

جمالياتي مفڪرن کان علاوه حُسن ۽ فن جي حوالي سان شاعرن ۽ ٻين جمالياتي حِس رکندڙ سرجڻهارن وٽ پڻ پنهنجو نڪتہِ نظر آهي. مثال طور: هومر (Homer) ۽ هيسوڊ (Hesoid) ان خيال جا آهن تہ: ”شاعري ۽ فنونِ لطيفہ جو انحصار الهام ۽ وجدان تي آهي، جيڪي اڪتسابي بدران وهبي ۽ قدرتي عطيو آهن.“(٨٢)

هومر پنهنجن مشهور نظمن اوڊيسي ۽ ايليڊ ۾ شاعريءَ ڪي ديوتائن جي دَيا سمجهي ٿو ۽ انهن جي فيض سان ئي شاعرن ڪي وجدان حاصل ٿئي ٿو، جنهن ذريعي هو شين جي صداقت تائين پهچي، انهن ڪي پنهنجي اظهارِ بيان ۾ حُسناڪيءَ سان پيش ڪن ٿا، يعني شاعري فهم ۽ فراست، فن ۽ علميت بجاءِ آمد ۽ آورد جو اهڙو انوکو ۽ حسين مامرو آهي، جنهن ۾ شعوري عمل ۽ ادراڪ بدران الهام جو وڌيڪ عمل دخل آهي. ساڳي ريت هيسوڊ ’ديوتائن جو نسب نامو‘ جي مهاڳ ۾ شاعريءَ ڪي الهامي ۽ ذاتِ الاهي جي عطا ڪوٺي ٿو. الهامي ۽ وجداني نظرئي ڪي رومانيت پسندن کان علاوه افلاطون پڻ تمام گهڻي هٿي وٺرائي. نہ رڳو اوائلي دؤر ۾ الهامي ۽ وجداني فڪر ڪي اوج ۽ عروج حاصل رهيو، پر اڄ تائين ڪجهہ تخليقڪارن وٽ ان فڪر جي پنيرائيءَ ۾ ويچار ۽ احساس پڻ ملن ٿا.

” قديم (يوناني) دؤر ۾ حُسن ۽ فن ٻنهي ڪي وڏي قدر ۽ عظمت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. هنن وٽ فن نہ صرف حُسن جو آئينہ دار هو، پر تزڪيہء نفس جو ذريعو بہ هو، جنهن سان من ۾ مسرتن جا آبشار ڦُٽندا آهن. فن ۾ تزڪيہِ نفس جي انهيءَ قوتِ تاثير سبب بعد ۾ ارسطو ڪٿارسس جو اصطلاح ايجاد ڪيو. شاعري، موسيقي، سنگ تراشي يا مجسما سازيءَ جي فروغ ۽ ثقافت تي انهن فنن جي اثرن جي گيرائي ۽ وسعت ڪي ڏسندي عالمن حُسن ۽ فن ڪي تنقيدي نظرن سان ڏسڻ شروع ڪيو، ان ريت جمالياتي تنقيد جو آغاز ٿيو، جنهن اڳتي هلي نظرين جي صورت اختيار ڪئي ۽ يوناني ادب ۾ جمالياتي مطالعي جي روايت جنم ورتو.“(٨٣)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

افلاطون، ارسطو، سقراط، اقليدس ۽ ابيقيورس کان پوءِ جن مفڪرن جماليات بابت پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو، انهن ۾ سينڪا، سسرو، هوريس، پلوٽارڪ، پروڪلس ۽ فلاطونيس قابلِ ذڪر آهن. هنن مفڪرن مان اڪثر تي افلاطون ۽ ارسطو جو اثر آهي، پر فلاطونيس حُسن کي نئين فڪري ۽ نظرياتي انداز سان پيش ڪري ٿو. هو بنيادي طور تي توڙي جو مابعد الطبيعاتي مفڪر ۽ افلاطون جو نظرياتي پوئلڳ هو، پر حُسن ۽ فن جي حوالي سان سندس پيش ڪيل نقطہ نظر توجهہ ڇڪائيندڙ آهي. هن جي خيال موجب، ”حُسن قابلِ سماعت شين مثلاً موسيقي وغيره ۾ بہ آهي ۽ ماورا ادراڪ شين مثلاً ڪردار، اعمال، عادتن، فضيلتن ۽ علم وغيره ۾ بہ، پر حقيقي طور تي اهو فقط مرئي شين ۾ ٿئي ٿو...حُسن جو دارومدار فهم ۽ صورت تي آهي. حُسن صورت پذيريءَ جو نالو آهي ۽ ان کان محرومي بدصورتي آهي.“(٨٤)

”فلاطونيس ان دؤر جو آخري وڏو مفڪر هو. يونانين جي عظمت، جيڪا ارسطو کان پوءِ گهٽجي وئي هئي، اها فلاطونيس کان پوءِ بنهہ ئي ختم ٿي وئي ۽ هڪ هزار سال تائين يورپ ۾ تاريڪيءَ جو دؤر رهيو.“(٨٥) اهو تاريڪي جو دؤر (Dark age) جنهن کي قرونِ وسطيٰ (پنج کان تيرهين صدي تائين) چئجي ٿو، تنهن نہ صرف زندگيءَ جي خوشين ۽ خوبصورتين کي تاراج ڪري ڇڏيو، پر علم و ادب، تهذيب و تمدن ۽ خاص ڪري جمالياتي فڪر کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. اڪثر مذهبي ڌُريون اصل کان حُسن ۽ فن جون ويري رهيون آهن ۽ هي دؤر، جيڪو انڌي تقليد ۽ مذهبي اجاراداريءَ جو دؤر ليکيو وڃي ٿو، تنهن ۾ فن ۽ فهم کي بنهہ ئي بيڪار شيءِ سمجهي، ان کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ عسائيت جي پرچار کي ئي اُتم خدمت ۽ عبادت سمجهيو ويو.

هن دؤر ۾ ثنويت جو ظلم ۽ ستم ايترو تہ اوج تي رهيو، جو عقل ۽ شعور کان وٺي زندگيءَ سان لاڳاپيل هر حقيقت مذهبي لڪير جي فقير بڻجي پئي. سونهن ۽ سچائيءَ کي فقط خدا جي ذات تائين محدود بڻايو ويو. ان جي ذات کان سواءِ زندگي ۽ ان جي حُسن ۽ حقيقتن سان محبت کي گناهہ قرار ڏنو ويو. ”عيسائيت جي هن اونداهي دؤر ۾ ادب ۽ فن تي مذهب جي تلوار ايتري تہ گهٽي اُڀي رهي، جو ڊرامي جي اداڪاري بہ گناهہ سمجهي وئي، ڇاڪاڻ تہ مذهب ۾ ڪنهن نقلي شيءِ کي اصلي ڪري پيش ڪرڻ يا علامت ناهڻ گناهہ جي دائري ۾ آيو ٿي.“(٨٦)





نتيجي ۾ هڪ طرف ’ادب ۽ فن براءِ بندگي‘ جي فڪر جنم ورتو، تہ ٻئي طرف مذهبي سخت گيريءَ ۽ ستم سبب ماڻهن ۾ داخلي پيچ ڊاهہ پيدا ٿي. ماڻهن زندگيءَ کان فراريت اختيار ڪري ويراڳيءَ جي واٽ ورتي. ويراڳ يا رواقيت (Stoics) جو بنياد زينو (Zeno) وڌو ۽ ان جي اهم پوئلڳن ۾ سسرو ۽ سينڪا جا نالا شامل آهن. جن جي فڪر موجب زندگيءَ جي حقيقي خوشي ۽ خوبصورتي جسماني لذتن کي تياڳي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي، ڇو تہ حُسن جسماني زندگيءَ ۾ نہ، پر ان کان فرار ۽ روحاني زندگيءَ ۾ آهي.

ويراڳي فڪر جا پيروڪار حسي لذتن جا انڪاري ۽ فطرت جي حُسن جا معترف هئا. هو فطرت جي تخليقن کي هم آهنگي، فني جامعيت ۽ حُسن جو آئينہ دار سمجهندا هئا ۽ ان جي هر تخليق کي افاديت ۽ حڪمت وارو تصور ڪندا هئا. ”فطرت ڪيترن ئي جانورن کي حُسن جي خاطر پيدا ڪيو آهي ۽ اها انهن جي رنگن مان لطف وٺي ۽ ان جي جمال مان خوشي حاصل ڪري ٿي.“(٨٧)

مٿين مفڪرن کان علاوه فن ۽ حُسن جي حوالي سان اسڪاٽس اريگنيا، سينٽ آگسٽائن، ابي لارڊ ۽ سينٽ ٿامس اڪيونس (١٢٢٥، ١٢٧٤) پڻ پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو. اڪيونس موجب حُسن جون ٽي صفتون يعني ’تڪميل، وضاحت ۽ تناسب‘ آهن، جن مان هو تڪميل کي حُسن جي بنيادي ۽ انتهائي اهم صفت قرار ڏئي ٿو. هن جو چوڻ آهي تہ، ”جيستائين ڪائي شيءِ مڪمل نہ آهي، ان جي خوبصورت هجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. قبح جي نشاني آهي. حُسن تڪميل آهي ۽ بدصورتي اڻ پورائيءَ ڪري عيان ٿئي ٿي...تناسب ۽ هم آهنگيءَ ذريعي شاهد، حُسن مان محظوظ ٿئي ٿو ۽ جيستائين ڪائي شيءِ واضح ۽ صاف نہ آهي، اها شاهد کي متاثر نہ ٿي ڪري ۽ ان کي حسين بہ نہ ٿو چئي سگهجي.“(٨٨)

اريگنيا، حُسن کي هيئت سان وابستہ سمجهي ٿو ۽ هيئت کان محروم شيءِ کي قبيح ڪوٺي ٿو. ابي لارڊ پنهنجي فن جي نظريي ۾ فطرت کي فن کان وڌيڪ اتم ۽ اعليٰ ان ڪري قرار ڏئي ٿو، ڇو تہ فطرت خدا جي تخليق آهي، جڏهن تہ فن انساني ذهن ۽ هٿن جي حاصلات ٿئي ٿو.

قرونِ وسطيٰ ۾ فنونِ لطيفہ ڪائي ترقي نہ ڪئي. مصوري، فنِ تعمير ۽ سنگ تراشيءَ کان وٺي تمام لطيف فنن جو مقصد فقط مذهبي هو. مذهبي رنگ کان سواءِ هر حُسن ۽ حقيقت کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بيڪار سمجهيو ويو، پر ان تاريڪيءَ جي دؤر ۾ فن ۽ حُسن جي حوالي سان جيڪو ڪجهه پيش ڪيو ويو، اهو غنيمت آهي.

”تقريباً هڪ هزار سال جي گهري ننڊ ڪان پوءِ چوڏهين صديءَ ۾ يورپ بيدار ٿيڻ شروع ٿيو. هن برِاعظم ڪي بيدار ٿيڻ ۾ لڳ ڀڳ ٽي صديون لڳي ويون. بيداريءَ جي انهي دؤر ڪي نشاة الثانيه يا سوجهري جو دؤر سڏيو وڃي ٿو...جهالت جي تاريڪيءَ جي گهٽجڻ سان ئي مذهب ۾ پڻ اصلاحي تحريڪن جنم ورتو ۽ انهن عمل ۽ ردعمل جي اصولن هيٺ عوام ڪي اڳتي وڌائي علم ۽ ادب جي روشنيءَ سان آراسته ڪيو...طبعي علمن جي ترقيءَ ماڻهن جي سوچ جو انداز ئي بدلائي ڇڏيو. ڪوپرنيڪس، ڪيپلر ۽ گليلو علم فلڪيات ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو. فرانس بيڪن مشاهدي ۽ تجربي ڪي علم جو بنياد بڻايو... اٽليءَ ۾ مائيڪل اينجلو، رافيل، ليونارڊوڊاونچي، هالينڊ ۾ روبان ۽ رامبران، اسپين ۾ وليزڪيو، جرمنيءَ ۾ ڊيورا ۽ هالبين فن ڪي تمام گهڻي ترقي وٺرائي ۽ يورپ جي اڪثر ملڪن ۾ فنونِ لطيفه توجهه جو مرڪز بڻجي ويو.“(٨٩)

نشاة الثانيه ۾ جمالياتي فڪر جي ابتدا ڊانٽي ڪان ٿئي ٿي. هي پهريون مفڪر هو، جنهن قومي زبان جو استعمال ڪري ادب ۽ فن جي تمام وڏي خدمت ڪئي. هن پنهنجي تخليق ”ڊيوائين ڪاميڊي“ لاطيني زبان ۾ لکي شعر و ادب ڪي نئين زندگي عطا ڪئي. ”ڊيوائين ڪاميڊي“ توڙي جو سندس هڪ مذهبي تصنيف هئي، پر ان جو انداز ۽ اظهار منفرد ۽ يڪتا هو. ڊانٽي شاعريءَ ۾ فڪر جي اهميت سان گڏ فني لحاظ سان ان ۾ تشبيهه، استعاري ۽ تمثيل جو به قائل آهي، ڇو ته سندس خيال موجب شاعريءَ ۾ لفظي معنيٰ ڪان علاوه هڪ ٻيو تمثيلي ۽ علامتي مطلب به هوندو آهي، جيڪو ئي ان جو اصل مقصد آهي.

بوڪاچيو، اسڪالي گر ۽ سيسرو شاعريءَ ڪي دل ۽ دماغ جي اهڙي تخليق سمجهن ٿا، جنهن جو دارومدار صرف فني ۽ فڪري عنصرن تي مشتمل نه آهي، پر ان ۾ ذات ۽ وجدان جو عمل دخل به شامل ٿئي ٿو. فراڪاسترو شاعر ڪي عظيم فنن جو خالق ۽ ٻين علمي بصيرت رکندڙن ڪان اتم سمجهي ٿو، ڇو ته ”ماهرِ علوم جزوي صداقتن ڪي پيش ڪندا آهن ۽ شاعر عالمگير سچائين ڪي. شاعر ٻين جي نسبت شين ڪي حسين ۽ لطيف انداز سان پيش ڪندا آهن ۽ اها خوبي ئي کين ماهرِ علوم ڪان ممتاز بڻائي ٿي.“(٩٠)





سر فلپ سڊني پنهنجي ڪتاب ’Defence of Poetry‘ ۾ شاعريءَ جي فن ۽ جمالياتي ندرتن تي بحث ڪندي، ان ڪي نهايت ئي اعليٰ ۽ عظيم فن قرار ڏئي ٿو. هن جي خيال ۾ شاعري جا ٻه مقصد يعني اخلاقي تربيت ۽ حظ آفريني آهن. هو ”شاعر ڪي هڪ اهڙو خالق سمجهي ٿو، جيڪو پنهنجي تخيل جي مدد سان هڪ نئين ۽ خوبصورت ترين دنيا ڪي تخليق ڪري ٿو... توڙي جو سڀني علمن جو مقصد انساني فلاح ۽ بهبود آهي، پر شاعري ان مقصد ڪي ان علمن جي نسبت بهتر طريقي سان حاصل ڪري سگهي ٿي.“(٩١)

نشاة الثانيه ڪان پوءِ يورپ ۾ جديد دؤر جي ابتدا ٿي. جيڪا فڪري ۽ شعوري سجاڳي نشاة الثانيه جي دؤر ۾ شروع ٿي چڪي هئي، جديد دؤر جي جنم سان ان انقلابي صورت اختيار ڪري ورتي. تقليد بدران تخليق ۽ تنقيد ڪي اهميت ملي. طبعي ۽ عمراني علمن ترقي ڪئي ۽ فلسفي ۾ عقل ڪي صداقت جو معيار تسليم ڪيو ويو. حُسن ۽ فن جي معاملن تي فڪري ۽ فلسفياڻي نقطه نظر سان ويچاري ان ڪي AESTHETICS جو نالو ڏنو ويو، جنهن تي ڪانٽ، بام گارٽن، ڊيڪارٽ، اسپينوزا، فرانسس بيڪن، هوبز، لاڪ، ڪروزي، ونڪل مان، هرڊر، ليسنگ، هچسين، برڪ، هيوم، مينڊل زون، جيسوي آندري، والف ۽ لائنبيز علمي ۽ فڪري حوالي سان پنهنجا ويچار وندي، ان ڪي اهميت جي لحاظ سان زندگي ۽ ان جي حسي، نفسياتي ۽ فڪري صداقتن سان سلهاڙيو.

ڊيڪارٽ جئين ته اسپينوزا ۽ لائبينز وانگر عقليت پسند هو، انهيءَ ڪري هو حُسن ۽ فن ڪي منطقي تجربي، خيال ۽ اسلوب جي وحدت جي بنياد تي پرکي ٿو ۽ فطرت جي حُسن ڪان انساني فطرت ۽ ان جي حُسن ڪي زياده اهميت ڏي ٿو. جيسوي آندري جي خيال ۾ حُسن هن ساري ڪائنات ۾ موجود آهي، جنهن ڪي هو ٽن قسمن الوهي يا بنيادي حُسن، فطري حُسن ۽ اجتماعي حُسن ۾ ورهائي ٿو. سندس راءِ موجب، ”پهريئن جو انحصار ضابطي، ترتيب، تناسب ۽ موزونيت تي آهي. ٻئي جو واسطو رنگ ۽ روشنيءَ سان، جڏهن ته حُسن جي ٽين قسم جو تعلق رسم، رواج، روايتن، انفرادي ذوق ۽ قومي مزاج سان هوندو آهي.“(٩٢)

والف جي نظر ۾ حُسن اهو آهي، جيڪو محظوظ ڪري ٿو. سلترز رومانيت ۽ عقليت ڪي ملائي حُسن ڪي حظ ۽ خير جو درمياني قدر تسليم ڪندي، ان ڪي ڪمال، وحدت ۽ ترتيب ۾ مضمر سمجهي ٿو. جڏهن ته ونڪل مان ۽ ليسنگ حُسن بابت معروضي نظريي جا قائل آهن ۽ فن جو مقصد حظ ۽ مسرت ڪي قرار ڏين ٿا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ڏاري فلسفي ۾ تجربيت، تصوريت ۽ عقليت جي نين ڏارائن جنم ورتو، جن جي زيرِاثر جماليات ۾ وجداني ۽ تجرباتي فڪر جا لاڙا اُڀريا. وجداني مفڪرن جي خيال موجب حُسن شين جي ناقابلِ تجزيه صفت آهي، جڏهن ته تجرباتي مفڪرن نفسياتي ۽ تجزياتي طريقي سان حُسن جو تجزيو ڪري، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪئي، ته حُسن هڪ اهڙي مرڪب صداقت آهي، جيڪا مختلف عنصرن سان ملي ظهور پذير ٿئي ٿي.

جمالياتي مفڪرن جي نظرين تي طائرانه نظر وجهڻ کان پوءِ اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي، ته علمي حيثيت ۾ جماليات جي ابتدا فلسفي جي هڪ شاخ طور ٿي. يونانين وٽ ان علم تمام گهڻي ترقي ڪئي. جڏهن ته قرونِ وسطيٰ ۾ هن علم ڪائي گهڻي ترقي نه ڪئي، پر ان پنهنجو وجود برقرار رکيو. جديد دؤر ۾ ان ٻيهر ترقيءَ طرف ڊوڙون پاتيون ۽ موجوده زماني ۾ ان علم ايتري ترقي ڪئي آهي، جو عمراني علمن جي پهرين صف ۾ جڳهه حاصل ڪري ورتي اٿائين. هي علم ترقيءَ جي شاهراهه تي گامزن آهي ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو، ته هي علم ترقيءَ جون اجا انيڪ منزلون طيءِ ڪندو ۽ جلد ئي عمراني علمن جي فهرست ۾ اهو مقام ماڻي وٺندو، جنهن جو هو حقيقي مستحق آهي.(٩٣) ڇو ته سائنس جي ترقي ۽ علم و فهم جي اوسر سبب جماليات جو فڪر ۽ فلسفو پڻ زندگيءَ جو لازمي جزو بڻجي پيو آهي، جنهن جي ادراڪ ۽ احساس کان سواءِ مادي توڙي روحاني سچائين ۽ سندرتائن کي سمجهڻ مشڪل آهي.

## حوالا


١. ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، ’جماليات قرآن ڪي روشني مين‘، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، ١٩٧٦ع، ص:١.
٢. ساڳيو، ص:١.
٣. فيروزالدين، مولوي، (مرتب): ’فيروز اللغات اردو جامع‘، فيروز سنز، لاهور، ص:٤٧٢، ٤٧٠.
٤. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘ جلد ٣، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٤ع، ص:٩١٥، ٩١٧.
٥. ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، ’آرزوءِ حسن‘، فيروز سنز لميٽيڊ، لاهور، ص:١٣.
٦. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، ڇاپو ٤، ١٩٦٣ع، ص: ٢٣٠، ٢٣٩.
7. A.S. HORN "Oxford Advanced learners Dictionary" 7th edition, oxford university press, p. 12.
8. "The concise oxford dictionary" 8th edition, clarendon press oxford, p:96.







٩. رفيق، سعيد احمد، پروفيسر، ’حقيقتِ حسن‘، قلات پبلشرز ڪوئٽا، ١٩٧٩ع، ص: ٢٨.
١٠. ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، ’جماليات قرآن ڪي روشني مين‘، ١٩٧٦ع، ص:٢٣.
11. James. L. Jarrett. "The quest for beauty", prentice hall, inc, Englewood cliffs, N.J. 1957, p. 2,106
12. The oxford encyclopedic dictionary ,bay books in association oxford university press, 1983, p.24
13. The new Encyclopedia Britannica vol:1, 15th edition, 2005, p.123
14. The oxford English dictionary vol:1(AB) clarendon press, 1933, p:147
١٥. رضوي سيد، علي، ’جماليات ايڪ مطالعه‘ مڪتبه نيا ادب، ڪراچي، ١٩٨٧ع، ص: ١٠.
١٦. سعيد لخت (مرتب) ’فيروز سنز اردو انسائيڪلوپيڊيا‘ ٣ ايڊيشن، ١٩٨٤ع، ص: ٧٦، ٣٧٥.
17. Will Durant, The pleasures of philosophy, Services Book club 1995, p189.
١٨. رضوي سيد، علي، ’جماليات ايڪ مطالعه‘۔ ص٢.
١٩. حيدري، شمشير، (مقالو)، ’سنڌي شاعري ۾ جماليات‘ سنگت شاعري نمبر، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، ١٩٩٤ع، ص: ٢٩.
٢٠. Will Durant, The pleasures of philosophy, p.189.
٢١. Ibid p.210.
٢٢. Ibid p 202.
٢٣. هادي، محمد حسين، ’مغربي شعريات‘ (مقالا) ’فن اور شاعر مين تخليقي وجدان‘، مجلس ترقي ادب، لاهور، طبع دوم، ٢٠٠٥ع، ص:٣٥٤.
٢٤. رفيق، سعيد احمد، پروفيسر، ’حقيقتِ حُسن‘، ص:٢٣
٢٥. A.R. lucey, Dictionary of literary terms, P 5.
٢٦. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، (انٽرويو) پندرنهن وار ’ساجاهه‘، اپريل ١٩٩٢ع، ص:٤٣.
٢٧. رفيق، سعيد احمد، پروفيسر، ’حقيقتِ حسن‘، ص:١٠.
٢٨. ساڳيو، ص:١٠.
٢٩. ساڳيو، ص:١٧.
٣٠. ساڳيو، ص:٢٦.
٣١. ساڳيو، ص:٣٢.
٣٢. پٺي، محمد علي، ڊاڪٽر، (مقالو) ’مغربي فن مصوري جي مختصر تاريخ‘، ٽه ماهي مهراڻ ٤، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٩٦ع ص:٤١.
٣٣. سيد، عابد علي، عابد، ’اسلوب‘، مجلسِ ترقي ادب لاهور ١٩٧١ع، ص:٤.
٣٤. رفيق، سعيد احمد، پروفيسر، ’تاريخِ جماليات‘، زمرد پبليڪيشنز، ڪوئٽه، اشاعت دوئم، ٢٠٠٠ع، ص:٢٩١.
٣٥. ابڙو، بدر، ’تنقيد نگاري ارتقائي جائزو‘، سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي، ١٩٨٥ع ،ص:٧٨.
٣٦. لغاري، اڪبر، (مقالو) ’فن جو فلسفو‘، ماهوار سوجهرو، ڪراچي، سيپٽمبر ٢٠٠٣ع ،ص:٨.
٣٧. ابڙو، بدر، ’تنقيد نگاري ارتقائي جائزو‘، ص:١٦٩.
٣٨. ساڳيو، ص:١٦٧.
٣٩. رفيق، سعيد احمد، ’تاريخِ جماليات‘، ص:٢٩٥.
٤٠. ابڙو، بدر، ’تنقيد نگاري ارتقائي جائزو‘، ص:١٤.

۴۱. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ‘، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي،۱۹۹۷ع، ص:۳۷.

۴۲. رضوي سيد، علي، ’جماليات ايڪ مطالعہ‘، مڪتبہ نيا ادب، ڪراچي، ۱۹۸۷ع، ص:٦.

۴۳. شريف، ميان محمد، ’جماليات ڪي تين نظرئي‘، مجلس ترقي ادب، لاهور۱۹٦۳ع، ص:۴٦

۴۴. ساڳيو، ص:۴۱.

۴۵. ساڳيو، ص:۴۲.

۴٦. ساڳيو، ص:٦۷.

۴۷. شريف، ميان محمد، ’جماليات ڪي تين نظرئي‘، ص: ٦۷، ٦۸.

۴۸. ساڳيو، ص ۷۱، ۷۲.

۴۹. رفيق، سعيد احمد، پروفيسر، ’حقيقتِ حسن‘، قلات پبلشرز، ڪوئٽا، ۱۹۷۹ع، ص: ۳۴.

۵۰. ساڳيو، ص: ۳۴.

۵۱. لغاري، اڪبر، ’جماليات‘، ماهوار ’سوجهرو‘، جون ۲۰۰۳ع ،ص:۱۰.

۵۲. شريف، ميان محمد، ’جماليات ڪي تين نظرئي‘، ص:۱۵۵.

۵۳. رفيق، سعيد احمد، ’حقيقتِ حسن‘، ص:۴۷.

۵۴. ساڳيو، ص:۴۸.

۵۵. ساڳيو، ص: ۴۱.

۵٦. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، ’ادب جا فڪري محرڪ‘، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، ۱۹۸۴ع، ص: ۱۹۴.

۵۷. جالبي، جميل، ڊاڪٽر، ’ارسطو سي ايليٽ تڪ‘، نيشنل بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، ۱۹۹۷ع، ص:٦۹.

۵۸. جبران، خليل، (مترجم: عبدالله فائز)، ’ڀڳل ڪنيڙاٽيون‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدر آباد، ۱۹۸۹ع، ص:٦۰.

۵۹. ول ڊيورانٽ، ’حڪايتِ فلسفہ‘، (اردو ترجمہ) سٽي بڪ پوائنٽ، ڪراچي، ۲۰۰۴ع، ص:۴۳۷.

60. Dudley Louise " The Study of literature" Houghton Mufflin Company Cambridge, 1998, p 333.

٦۱. شريف، ميان محمد، ’جماليات ڪي تين نظرئي‘، ص:۱۵٦.

٦۲. ساڳيو، ص:۱۲.

٦۳. ساڳيو، ص:۲۳.

٦۴. رفيق، سعيد احمد، ’حقيقتِ حسن‘، ص:۱۳.

65. KARL MARX "Economic and philosophical mass" London 1844, pp: 75,76.

66. WILL DURANT "The story of civilization" part one, p: 83.

٦۷. عباسي، احمد محمد منصور (سنڌيڪار)، ’تهذيبن جي عالمي تاريخ‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي،۲۰۰۵ع، ص: ۱۱،۱۲.

٦۸. سومرو، محمد بخش (سنڌيڪار)، ’قومن جي عالمي تاريخ‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۲۰۰۳ع، ص:۲۹.







٦۹. ساڳيو، ص:۳٦.

۷۰. حسين، فاخر ، ’مضامينِ جماليات‘، نگارشات لاهور، ۱۹۸۸ع، ص:۱٦.

۷۱. ساڳيو، ص:۱۱.

۷۲. ساڳيو، ص:۲۰.

۷۳. ول ڊيورانٽ (مترجم: تنوير جهان)، ’انساني تهذيب ڪا ارتقا‘، فڪشن هائوس، لاهور، ۱۹۹۳ع، ص:۱۳۸.

۷۴. حسين، فاخر ، ’مضامينِ جماليات‘، نگارشات لاهور، ۱۹۸۸ع، ص:۱۷،۱۹.

۷۵. ميرٺي، افسر، حامد الله، ’تنقيدي اصول اور نظريي‘، انجمنِ ترقي اردو، ڪراچي، ص:۲۸.

۷٦. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، زُمرد پبليڪيشن. ڪوئٽہ، ۲۰۰۰ع، ص:۵.

۷۷. ارسطو، (مترجم: عزيز احمد ـ تمهيد) ’بوطيقا‘، بُڪ هوم، لاهور، ۲۰۰٦ع، ص:۸.

78. Bosanquet.B "A History of Aesthetics", p. 534.

۷۹. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، زُمرد پبليڪيشن، ڪوئٽہ، ۲۰۰۰ع، ص:۱٦.

۸۰. ارسطو، (مترجم: عزيز احمد) ’بوطيقا‘، ص:۱۳.

۸۱. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، زُمرد پبليڪيشن، ڪوئٽہ، ۲۰۰۰ع، ص:۱۲.

۸۲. ساڳيو، ص:٦.

۸۳. ناصر، نصير احمد، ڊاڪٽر، ’تاريخِ جماليات، جلد اول‘، ص:۳۱.

۸۴. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، ص:۵۱، ۵۲.

۸۵. ساڳيو، ص:۵۳.

۸٦. ابڙو، بدر، ’تنقيد نگاري ارتقائي جائزو‘، ص:۵۲.

87. Bernard Bosanquet, "History of Aesthetic", p. 99.

۸۸. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، ص:٦۳.

۸۹. ساڳيو، ص٦۵، ٦٦، ٦۷.

90. Croce, B " Aesthetic" p.158.

۹۱. سعيد، رفيق احمد، ’تاريخِ جماليات‘، ص:۷۷.

۹۲. ساڳيو، ص:۸۲.

۹۳. ساڳيو، ص:۳۱۰.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair